روزاني

سنڌيار

ڪراچي

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Reg No 2677

ABC Certified

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

جلد :11 | خميس 28 سيپٽمبر 2023 ع بمطابق 11 ربيع الاول 1445ھ | شمارو: 340 | قيمت 10 رپيا

اسٽريٽ ڪرمنلز کي صفا نہ ڇڏيو: آءِ جي سنڌ سخت هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

آءِ جي سنڌ رفعت مختار جي صدارت هيٺ امن امان جي صورتحال تي اجلاس ٿيو، جنهن ۾ آءِ جي پوليس کي سنجيده قدم کڻڻ ۽ ڌوهن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي هدايت ڪئي

منشيات خلاف وڏو ايڪشن وٺو، جنهن لاءِ توهان سيني کي فهرستون اسپيشل برانچ ڏنيون آهن : آءِ جي سنڌ رفعت مختار

صوبي ۾ اسٽريٽ ڪرمنلز کي صفا نہ ڇڏيو، ڌاڙيلن خلاف انٽيليجنس ڄاڻ جي بنياد تي آپريشن جاري رکو، ايف آءِ آر داخل نہ ڪرڻ تي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

فريادي جو داد نہ ڪرڻ عذاب ٻڄي ڪنهن نہ ڪنهن تي ڪِرندو آهي، ايس ايس پيز وٽ مڪمل اختيار آهن

آزادانو ڪم ڪيو، توهان جي ڀرپور رهنمائي لاءِ مان موجود آهيان، هر مهيني اجلاس ۾ جائزو وٺندس

آءِ جي سنڌ منشيات ۽ گٽڪا مافيا جون فهرستون جوڙڻ تي اسپيشل برانچ جي ڪم کي ساراهيو ۽ ايڪشن جاري رکڻ جي هدايت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ ڌوهن جي وڌندڙ وارداتن جي روڪٿام ۽ منشيات خلاف ايڪشن وٺڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. آءِ جي سنڌ رفعت مختار جي صدارت هيٺ امن امان جي صورتحال تي اجلاس ٿيو جنهن ۾ آءِ جي پوليس کي سنجيده قدم کڻڻ ۽ ڌوهن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ ڳالهائيندي آءِ جي سنڌ چيو تہ منشيات خلاف وڏو ايڪشن وٺو، جنهن لاءِ توهان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

چيف جسٽس جي حيثيت سان 21 سال سپريم ڪورٽ جو جج طور ڪم ڪيو آهي : نگران وڏو وزير

وڪيلن هميشہ آئين ۽ قانون جي بالادستي لاءِ جدوجهد ڪئي: مقبول باقر

وڪيل پنهنجو ڪردار ۽ اخلاق سنوارڪن تہ جيئن سندن عزت ۽ وقار ۾ اضافو ٿئي جيڪو ماڻهن کي اوچائين تائين پهچائي ٿو. اهو نہ رڳو توهان کي دنياوي طاقت ڏئي ٿو

توهان جي شخصيت ۾ سڌارو آڻي صحيح رستي تي وٺي ويندو آهي. توهان کي هميشہ سٺو اخلاق رکندي انصاف لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي

بار ڪائونسل جي ڪوشش، عمر سومرو جي تعاون ۽ اسان جيڪي ڪري پئي سگهيو ڪيوسين ۽ ان جي نتيجي ۾ وڪيلن کي فراهم سهولتون ساراهہ جوڳيون آهن

عمر سومرو اوهان جي مطالبن جو تفصيلي جائزو ورتو آهي ۽ تقريبن سڀ ڪجهہ ٻڌائي چڪو آهيان پر اسپتال جي تعمير بابت ضروري هدايتون جاري ڪندس ۽ رپورٽ ڏسي اڳيرائي ڪئي ويندي

سنڌ بار لاءِ جيڪو بہ ڪيو اهو پنهنجي ملڪ ۽ صوبي لاءِ گهٽ آهي، ڪنهن بہ سماج ۾ وڪيل اهميت رکن ٿا، توهان جو مقام آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي تہ وڪيلن هميشہ آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ ملڪ ۾ حق سچ جي آواز اٿارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ۽ اهڙيون قربانيون ڏنيون آهن جن کي وساري نٿو سگهجي. وڪالت جي شعبي توهان کي طاقت ۽ عزت ڏني آهي، اسان کي گهرجي تہ پنهنجو انداز پروفيشنل رکون. اهڙن خيالن جو اظهار هن بار ڪائونسل جي تقريب جي موقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سنڌ بار ڪائونسل جي نئين آفيس جو افتتاح ڪري رهيو آهي

توهين جوڳي مواد جي اشاعت وارو ڪيس: نگران وزيراعظم ۽ پنجاب جو وڏو وزير عدالت طلب

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ سوشل ميڊيا تي توهين جوڳي مواد جي اشاعت بابت ڪيس جي ٻڌڻي جسٽس شجاعت علي خان ڪئي

عدالت نگران وزيراعظم کي 16 آڪٽوبر تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏيندي نگران پنجاب جي وڏي وزير کي بہ ايندڙ ٻڌڻي تي طلب ڪري ورتو

8 مهينن کان وفاقي حڪومت جي رپورٽ سامهون نہ آئي آهي : ٻڌڻي دوران عدالت جا ريمارڪس

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ سوشل ميڊيا تي توهين جوڳي مواد جي اشاعت جي ڪيس ۾ نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ۽ نگران پنجاب جي وڏي وزير محسن نقوي کي 16 آڪٽوبر تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

نگران حڪومت پنهنجي مختصر مدي ۾ چونڊيل حڪومت کي سٺو پليٽ فارم ڏيندو: يونس ڍاڳا

بورڊ آف روينيو ۾ عوام جي سهولت ۽ رجسٽريشن ۽ ميوٽيشن جي عمل ۾ شفافيت لاءِ جديد اليڪٽرانڪ سهولتن جو نظام متعارف ڪرايو پيو وڃي

خودڪار طريقي سان دير جي سببن کي ختم ڪندو، ماڻهن جو وقت بچائيندو ۽ نشان لڳندو جتي ڪم بند ٿئي ٿو

عوام جي سهولت لاءِ موبائيل ايپ انگريزي سان گڏ اردو ۽ سنڌي ٻولين ۾ بہ متعارف ڪرائي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي روينيو، صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا چيو آهي تہ سنڌ حڪومت عوام جي سهولت لاءِ جديد اليڪٽرانڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: سنڌ جي روينيو، صنعت ۽ واپار وارو صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا اجلاس دوران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

چيف جسٽس وقت ضايع ڪرڻ تي

انڪم ٽيڪس جي ڪمشنر مٿان 10

هزار رپين جو ڏنڊ لڳائي ڇڏيو

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس قاضي فائز عيسيٰ عدالت جو وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سپريم ڪورٽ پاران فوتي جي ڌيءَ ملڪيت جي وارث قرار، چاچي جي درخواست رد

عدالت پائنتي کي وراثت ڏيڻ جي فيصلي تي چاچي جي نظرثاني درخواست رد ڪري ڇڏي

ڇوڪري طوبيٰ شهاب کي سندس چاچي زمين لاءِ ڪيس بازي ۾ ڦاسايو: چيف جسٽس فائز عيسيٰ

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ فوتي جي ڌيءَ کي ملڪيت جو وارث قرار ڏيڻ جي فيصلي تي چاچي جي نظرثاني جي درخواست رد ڪري ڇڏي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني بئنچ درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي پاڪستان تي حملن لاءِ افغانستان جي زمين استعمال ڪندي آهي: منير اڪرم

اميد ڪريون ٿا تہ عبوري افغان حڪومت پنهنجا واعدا پورا ڪندي

سلامتي ڪائونسل کي افغانستان سان لاڳاپا معمول تي آڻڻ لاءِ حڪمت عملي ڄڻي ڪرڻ گهرجي

افغانستان جي ڪرنسي ۽ شين جي اسمگلنگ پاڪستاني معيشت تي منفي اثر ڇڏي رهي آهي

اسلام آباد (م د) گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي سفير منير اڪرم چيو آهي تہ پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان (ٽي ٽي پي) پاڪستان تي حملن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

گڏيل قومن ۾ پاڪستاني سفير منير اڪرم سلامتي ڪائونسل ۾ اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

اسان جي پينو فقير سڀ کان وڌيڪ ٻاهرين ملڪ وڃن ٿا : اسٽينڊنگ ڪميٽي

اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين منظور ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ ٿيو

جهان تي لک چاليهہ هزار هنرمند ماڻهو گهريا آهن : اجلاس دوران سينيٽر راڻا محمود الحسن جي آگاهي

اسلام آباد (م د) سمنڊ پار پاڪستانين جي معاملن واري سيڪريٽري سينيٽ جي اسٽينڊنگ جي اجلاس ۾ انڪشاف ڪيو آهي تہ اسان جي پينو فقير سڀ کان وڌيڪ ٻاهرين ملڪ وڃن ٿا. سينيٽ جي سمنڊ پار پاڪستانين بابت اسٽينڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عراق ۾ شادي جي تقريب دوران باهہ لڳي وئي، گهوٽ، ڪنوار سميت 113 ڄڻا سڙي فوت

همدانيہ شهر جي هڪ شادي هال ۾ تقريب جاري هئي تہ اوچتو باهہ لڳي وئي

شادي هال قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي انتهائي خطرناڪ بارودي مواد سان سجايو ويو هو : عراق جي دفاع واري وزارت

بغداد (م د) عراق جي صوبي نينوا ۾ شادي جي هڪ تقريب دوران شادي هال ۾ باهہ لڳڻ سبب گهوٽ ڪنوار سميت 113 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا آهن. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ موجب همدانيہ شهر جي هڪ شادي هال ۾ تقريب جاري هئي تہ اوچتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ادارن خلاف ڇڙ ڏياريندڙ تقرير وارو معاملو، عمران خان خلاف ڪيس خارج ڪرڻ وارو فيصلو چئلينج

بلوچستان هاءِ ڪورٽ حقيقتن ۽ قانون جي ابتڙ فيصلو ڏنو، پي ٽي آءِ چيئرمين جاچ ۾ شامل نہ ٿيو : داخل اپيل جو متن

پي ٽي آءِ چيئرمين کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ کانسواءِ ئي ڪيس جو چالان جمع ڪرايو ويو

عمران خان ڪيس ۽ گرفتاري وارنٽ ڪالعدم قرار ڏيڻ لاءِ بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي هئي

اسلام آباد (م د) ادارن خلاف زهر اوڳاڇڻ واري ڪيس ۾ عمران خان خلاف ڪيس ارج ڪرڻ وارو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڪيو ويو آهي. درخواستگذار عبدالخليل ڪاڪڙ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان طرفان ادارن خلاف ترهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪنهن بہ سياسي پارٽي جي اڳواڻ کي چونڊن کان اڳ تنقيد جو نشانو نہ بنائڻ گهرجي: راڻا ثناءُالله

نوازشريف 21 آڪٽوبر تي لاهور پهچندو، نوازشريف لاهور پهچڻ کان پوءِ مينار پاڪستان ويندو

مينار پاڪستان تي جلسو ٿيندو جنهن کي نوازشريف خطاب ڪندو، اسان جي چونڊ مهم جي شروعات مينار پاڪستان کان ٿيندي

اڄ ملڪ جو جيڪو حال آهي اهو ان سازش جي ڪري آهي جيڪا نوازشريف جي خلاف ڪئي وئي

لاهور (م د) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سينئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي تہ ڪنهن بہ سياسي پارٽي ۽ اڳواڻ کي چونڊن کان اڳ ۽ بعد ۾ نشانو نہ بنائڻ گهرجي. پنهنجي هڪ بيان ۾ (ن) ليگي اڳواڻ راڻا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

صدر عارف علوي عيد ميلاد النبي ﷺ جي

موقعي تي قيدين جي سزائن ۾ 90 ڏينهن

جي گهٽتائي جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م د) صدر عارف علوي عيد ميلاد النبي ﷺ جي موقعي تي قيدين جي سزائن ۾ 90 ڏينهن جي گهٽتائي جي منظوري ڏئي ڇڏي، صدر طرفان سزائن ۾ گهٽتائي جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 45 تحت ڏني وئي آهي بر قتل، جاسوسي ۽ رياست مخالف سرگرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور: مسلم ليگ (ن) جو سينئر اڳواڻ ۽ اڳوڻو گهرو وزير راڻا ثناءُالله ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان بنگلاديش جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ جي ڇوڪرين لاءِ اسڪاٽ لينڊ ۾ اسڪالرشپس جو اعلان

اسڪاٽ لينڊ پاڪستان اسڪالرشپس جون درخواستون وصول ڪرڻ جو سلسلو جاري

بيچلرز ۽ ماسٽرز/ايم فل جي تعليم لاءِ فنڊ فراهم ڪيا ويندا

ڪراچي (م د) عورتن ۽ ڇوڪرين لاءِ اسڪاٽ لينڊ پاڪستان اسڪالرشپس جون درخواستون وصول ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. برٽش ڪائونسل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نوازشريف جي پاڪستان واپس اچڻ کان اڳ سعودي عرب وڃڻ جو امڪان

امڪان آهي تہ نوازشريف ملڪ واپس اچڻ کان اڳ وچ اوڀر جي 3 ملڪن جو دورو ڪندو

نوازشريف پاڪستان پهچڻ کان اڳ سعودي عرب، متحده عرب امارات ۽ قطر جو دورو ڪري سگهي ٿو : پارٽي ذريعا

نوازشريف جي مذڪوره ملڪن جي دورن بابت انتظام ڪيا پيا وڃن، مريم نواز سميت ڪيترائي اهم اڳواڻ ساڻس گڏ هوندا

لاهور (م د) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ميان نوازشريف طرفان پاڪستان اچڻ کان اڳ سعودي عرب وڃڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ميان نوازشريف جي ملڪ واپسي جي معاملي بابت اها ڳالهہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

فاطمہ قتل ڪيس ۾ گرفتار حنا شاهہ جوڊيشل ريمانڊ تي جيل حوالي

حنا شاهہ کي خيرپور جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

جوابدار حنا شاهہ روپوش رهڻ بعد گذريل ڏينهن حيدرآباد ۾ گرفتاري پيش ڪئي هئي

رانيپور (رپورٽر) رانيپور ۾ تشدد ڪري ماريل ٻارڙي فاطمہ جي قتل ڪيس ۾ گرفتار حنا شاهہ کي خيرپور جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيش ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

رانيپور: گرفتار حنا شاهہ دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيشي لاءِ اچي رهي آهي

ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر جو اگهہ 288 رپيا 75 پئسا ٿي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ بہ ڊالر 2 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 292 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م د) پاڪستان رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو اگهہ وڌيڪ گهٽجي ويو. ڪاروبار جي شروعات سان ئي ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پناهگيرن جيستائين نہ ويندا تہ سنڌ ۾ امن امان نہ ٿي سگهندو: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ جي اندر بدامني، منشيات فروشي، اغوائن ۽ اسمگلنگ ۾ ڌارين آبادڪاري ملوث آهي

سنڌ سنڌين جو مادر وطن آهي جنهن کي رب پاڪ هر نعمت سان مالا مال ڪيو آهي

ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي

حيدرآباد (رپورٽر) جيستائين سنڌ مان افغان پناهگيرن سميت سمورن ڌارين کي نيڪالي نہ ڏني ويندي تيستائين سنڌ ۾ امن امان نہ ٿي سگهندو، سنڌ جي اندر بدامني، منشيات فروشي، اغوائن ۽ اسمگلنگ ۾ ڌارين آبادڪاري ملوث آهي اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي سجاول ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي ۾ شموليت ڪندڙ نوجوانن جي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو تہ سنڌ سنڌين جو مادر وطن آهي جنهن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

يورپي يونين ٻوڏ متاثرين جي مدد لاءِ 10 لک يورو امداد جو اعلان ڪري ڇڏيو

اها امداد تازي چوماسي جي برساتن سبب متاثر ماڻهن جي مدد لاءِ ڏني وئي

برساتن کي منهن ڏيڻ لاءِ 1 ملين يورو انساني مدد جي لاءِ جاري ڪري رهيا آهيون : جينز لينارسڪ

اسلام آباد (م د) يورپي يونين پاڪستان جي ٻوڏ متاثرين جي مدد لاءِ 10 لک يورو امداد جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. يورپي يونين پاڪستان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي جي ڪارروائي: وڏي تعداد ۾ ملڪي ۽ پرڏيهي ڪرنسي هٿ

خالد بن وليد روڊ تي واقع رهائشي عمارت جي فليٽ تي ڇاپي دوران ڪرنسي هٿ آئي

ڇاپو امپورٽڊ گاڏين جو ڪاروبار ڪندڙ شخص جي گهر تي هنيو ويو هو : ايف آءِ اي ذريعا

ڪراچي (م د) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) ڪراچي ۾ خالد بن وليد روڊ تي واقع رهائشي عمارت جي فليٽ تي ڇاپي دوران وڏي تعداد ۾ ملڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

بجلي في يونٽ هڪ رپيو 83 پئسا مهانگي ڪرڻ جي درخواست

گذريل مهيني 15 ارب 47 ڪروڙ يونٽ بجلي پيدا ٿي : درخواست جو متن

سڀ کان مهانگي بجلي فرنس آئل سان پيدا ڪئي وئي

اسلام آباد (م د) سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجلي في يونٽ هڪ رپيو 83 پئسا مهانگي ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پاڪستاني عوام نہ پر سرڪاري ادارا ۽ آفيسر بجلي چوري ڪندا آهن: سراج الحق

هر شهري پنهنجي بجلي جي بل ۾ بجلي چورن جو بل بہ ڀريندو آهي

وزيراعظم هائوس، صدر هائوس، سپريم ڪورٽ ۽ ٻيا ادارا بجلي جا بل ناهن ڀريندا، جنهن جو بار عوام برداشت ڪندو آهي

بجلي چورن خلاف ڪا ڪارروائي نہ پئي ڪئي وڃي، غريب جو بہ هزارن جو بل نہ ڀرڻ تي ڪنيڪشن ڪاٽيو ويندو آهي

لاهور (م د) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي تہ هر شهري پنهنجي بجلي جي بل ۾ بجلي چورن جو بل بہ ڀريندو آهي. لاهور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي سراج الحق چيو تہ پاڪستاني عوام نہ پر سرڪاري ادارا ۽ آفيسر بجلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جماعت اسلامي جي امير سراج الحق

ڀارت سک اڳواڻ جي قتل ڪيس ۾ سهڪار تي راضي ٿي ويو

خالصتان تحريڪ جي اڳواڻ جو ڪئناڊا ۾ قتل جو ڀارت سان واسطو آهي : جگميت سنگهہ

ڀارتي پرڏيهي وزير جي بيان کان پوءِ ڪينيڊين انٽيليجنس اختيارين ڀارت شاهدين سياسي جماعتن جي اڳواڻن کي ڏيکارڻ شروع

نئين دهلي (م د) سخت عالمي دٻاءَ کان پوءِ هندو انتهاپسند مودي سرڪاري ڪئناڊا ۾ قتل ٿيل خالصتان تحريڪ جي اڳواڻ هرديپ سنگهہ نجر جي قتل ڪيس ۾ سهڪار جو راضپو ظاهر ڪري ڇڏيو نيويارڪ ۾ ڀارتي پرڏيهي وزير سبرا منيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪنڌڪوٽ: راڪيٽ لانچر جو گولو ڦاٽڻ سبب ڌماڪو، عورتن ۽ ٻارن سميت 8 ڄڻا مارجي ويا

شهر ۾ ڪچي جي علائقي ۾ راڪيٽ لانچر جو گولو ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ زوردار ڌماڪو ٿيو

ڌماڪي سبب ٻارن ۽ عورتن سميت 8 ڄڻا مارجي ويا جن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا

راڪيٽ لانچر جو گولو ٻارن کي زمين تان مليو جيڪو هو گهر کڻي آيا : ايس ايس پي مير روحيل خان کوسو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ ۾ راڪيٽ لانچر جو گولو ڦاٽڻ سبب ڌماڪو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻارن ۽ عورتن سميت 8 ڄڻا مارجي ويا. پوليس موجب شهر ۾ ڪچي جي علائقي ۾ راڪيٽ لانچر جو گولو ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ زوردار ڌماڪو ٿيو ڌماڪي سبب ٻارن ۽ عورتن سميت 8 ڄڻا مارجي ويا آهن جن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن پوليس موجب واقعو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پيمرا فيض آباد ڌرڻي واري فيصلي خلاف نظرثاني اپيل واپس وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو

پيمرا طرفان درخواست واپس وٺڻ جي گڏيل درخواست داخل ڪئي وئي

فيض آباد ڌرڻي واري فيصلي جي خلاف نظرثاني درخواست ٻڌڻي هيٺ آهي : داخل درخواست جو متن

پيمرا جي درخواست منظور ڪئي وڃي ۽ فيصلي جي خلاف نظرثاني واپس وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي

اسلام آباد (م د) پيمرا فيض آباد ڌرڻي واري فيصلي جي خلاف نظرثاني درخواست واپس وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. پيمرا طرفان درخواست واپس وٺڻ جي گڏيل درخواست داخل ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ پيمرا نظرثاني درخواست جي پيروي نٿو ڪرڻ چاهي. داخل ڪيل درخواست موجب فيض آباد ڌرڻي واري فيصلي جي خلاف نظرثاني درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ۾ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جو اجلاس منعقد

ضايع ٿيل خوراڪ کي پيداواري مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪنداسين: ڊائريڪٽر جنرل آغا فخر حسين

سنڌ فوڊ اٿارٽي باقاعده معائني دوران ڪاڏي پيتي جي شين کي رد ڪري ڇڏيندي آهي جيڪي انساني استعمال لاءِ هاڃيڪار هوندو آهي

ضايع ٿيل ڪاڌي پيتي کي چڱيءَ طرح ڊسپوز ڪيو وڃي ۽ ان کي وڌيڪ پيداواري مقصدن لاءِ ٻيهر استعمال ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ضايع ٿيل خوراڪ کي پيداواري مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪندا، سنڌ فوڊ اٿارٽي باقاعده معائني دوران ڪاڏي پيتي جي شين کي رد ڪري ڇڏيندي آهي جيڪي انساني استعمال لاءِ هاڃيڪار هوندو آهي، ضرورت محسوس ڪئي وئي تہ ان ضايع ٿيل ڪاڌي پيتي کي چڱيءَ طرح ڊسپوز/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سياسي ۽ ٻين پارٽين واٽر ڪارپوريشن جون

بقاياجون ادا ڪرائڻ لاءِ تعاون ڪن: سي او او

واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان

ڪراچي (رپورٽر) شهر سان لاڳاپيل سمورين سياسي ۽ ٻين پارٽين کي درخواست آهي تہ اهي واٽر ڪارپوريشن جون بقاياجون ادا ڪرائڻ ۽ واٽر ڪارپوريشن جي آمدني وڌائڻ لاءِ عوامي مهم شروع ڪن تہ جيئن ڪارپوريشن شهرين جي وڌيڪ خدمت ڪري سگهي ڇاڪاڻ تہ اداري جي آمدني بهتر ٿيڻ سان شهر جا ڪافي مسئلا جلد حل ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان وفد سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پنجاب ۾ اکين جي بيماري جا ڪيس وڌي ويا: تعليمي ادارا ڇهن ڏينهن لاءِ بند

نگران وڏي وزير محسن نقوي خميس کان آچر تائين نجي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو

نگران پنجاب جي وڏي وزير محسن نقوي راوي روڊ تي قائم گورنمنٽ گرلز هاءِ اسڪول جو اوچتو دورو ڪيو

حڪومتي هدايتن جي باوجود اسڪول ۾ اکين جي بيماري جو شڪار شاگرد حاضر هئا جنهن تي نگران وڏي وزير ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

لاهور (م د) پنجاب صوبي ۾ اکين جي بيماري جي وڌندڙ وبا جي خطري کي نظر ۾ رکندي پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي سپائي خميس کان آچر تائين نجي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. نگران پنجاب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ جي 30 ضلعن ۾ 2 آڪٽوبر کان پوليو خلاف 7 ڏينهن واري مهم شروع ٿيندي

مهم دوران 5 سالن کان گهٽ عمر جي هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻا ويندا: ڊاڪٽر محمد فخر عالم

گذريل 3 سالن کان سنڌ ۾ پوليو جو ڪو بہ ڪيس سامهون ناهي آيو جيڪا هڪ وڏي ڪاميابي آهي : ڪوآرڊينيٽر ايمرجنسي آپريشن سينٽر سنڌ ارشاد علي سوڍر

سمورن ريلوي اسٽيشنن ۽ بس اڏن تي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻا وڃن : چيف سيڪريٽري جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد فخر عالم جي صدارت هيٺ صوبائي ٽاسڪ فورس جو اهم اجلاس پوليو جي روڪٿام بابت چيف سيڪريٽري جي آفيس ۾ ٿيو جنهن ۾ 2 آڪٽوبر کان شروع ٿيندڙ ست ڏينهن واري پوليو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد فخر عالم جي صدارت هيٺ صوبائي ٽاسڪ فورس جو اجلاس ٿي رهيو آهي

سنڌ جي محتسب اعليٰ

جي مداخلت تي بيواهہ

کي 60 لک رپيا ڏنا ويا

ڪراچي (رپورٽر) محتسب اعليٰ سنڌ اعجاز علي خان ضلعي چڪوال، پنجاب جي رهواسڻ بيوه مسا ستيراٽي جي پينشن ۽ سروس جي بقايا جي ڏس ۾ 60 لک رپيا ادا ڪرڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ذڪر ڪيل شڪايت ڪندڙ پنهنجي شڪايت ۾ چيو تہ سندس مڙس ڊسمبر 2004ع ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو ۽ هي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

نوشهروفيروز ۾ بجلي چوري جي روڪٿام لاءِ قائم ڪيل ضلعي انفورسمينٽ ڪاميٽي جو اجلاس

اجلاس ۾ ايس ايس پي عابد علي بلوچ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر اعجاز احمد ڏيٿو ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر محمد موسيٰ گوندل ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بجلي چورن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري ۽ جيڪي غلط آهن انهن جا بقايا ۽ بل درست ڪري ته جيئن اهي پنهنجا بقاياجات ادا ڪري سگهن : ڊپٽي ڪمشنر

بجلي جي چوري ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪبي، بجلي چوري روڪڻ جو بنيادي ڪم سيڪو جو آهي، انتظاميا ۽ پوليس ترهان جي مدد ڪري رهي آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) بجلي چوري جي روڪٿام لاءِ قائم ڪيل ضلعي انفورسمينٽ ڪاميٽي جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت ۾ ٿيو ... هيٺ ٿيو اجلاس ۾ ايس ايس پي عابد علي بلوچ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز : ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

مٺياڻي : ناليوارو سگهڙ ۽ شاعر

جبار جوش پٺاڻ جو وڏو ڀاءُ

زندگيءَ جي جنگ هارائي ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مٺياڻي : ناليوارو سگهڙ ۽ شاعر جبار جوش پٺاڻ جو وڏو ڀاءُ عبدالرحمان عرف مٺل پٺاڻ نواب شاهه ۾ زندگيءَ جي جنگ هارائي ويو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪنڊڪوٽ پرسان راڪيٽ لانچر جو گولو ڦاٽڻ سبب 8 ڄڻا فوت

حادثي جي نتيجي ۾ 4 ٻارن ۽ هڪ عورت سميت 8 ڄڻا فوت ڪيترائي زخمي

واقعي جي اطلاع ملڻ شرط ايس ايس پي ڪشمور واقعي واري جاءِ تي پهتو

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ : امداد بنگوار) ڪنڊڪوٽ ڀرسان راڪيٽ لانچر جو گولو ڦاٽڻ سبب 8 ڄڻا فوت ٿي ويا ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو غلام حيدر ۾ بينظير انڪم جي قسط دوران هزارين عورتون دربدر، وظيفي مان ڪٽوتي جون دانهون

گرميءَ ۾ سينٽرن تي ڪابه سهولت ميسر ناهي، سينٽرن تي عورتن جي پيهه، ايندڙ عورتون پاڻي لاءِ به پريشان، ڪنهن به واهر نه ڪئي

مستحق عورتون 9 هزار روپين جي قسط مان هڪ هزار کان 1500 سئو روپيا ناجائز ڪٽوتي جون شڪايتون ڪنديون رهيون

ملوث عناصرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي ته جيئن مستحقين کي پورو وظيفو ملي سگهي : اڳواڻ

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊو غلام حيدر : بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي سينٽر تي مستحق دانهون ڪري رهيا آهن

سکر ۾ موٽرسائيڪل چوري جا

واقعا گهٽ نه ٿيا، ٽاڪ 1 ڄڻو

موٽرسائيڪل کان محروم ٿي ويو

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر شهر ۾ موٽرسائيڪل چوري جا واقعا گهٽ نه ٿيا ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو محمد خان ۾ پرائمري استاد پاران سيڪنڊري تعليم خلاف احتجاج

بناجواز مونکي تعليم کاتي پاران برطرف ڪري منهنجو پگهار بند ڪئي وئي آهي : استاد

معاملي جو نوٽيس وٺي نوڪري تي بحال ڪري بند پيل پگهارون ڏيارڻ انصاف فراهم ڪيو وڃي

پگهار بند هئڻ ڪري اکين بيروزگاري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيان منهنجا ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ مظفر علي بروهي) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ظلم جو شڪار معصوم فاطمه ڦورو جو واقعو وڏو ظلم آهي : نيلوفر بختيار

جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي ڪيس عبرت جو نشانو بڻايو ويندو ته جيئن اهڙا واقعا مستقبل ۾ رونما نه ٿين

زيادتين کي روڪڻ جو ٻه موثر طريقا آهن، هڪ ته جوابدارن جي ضمانت نه ٿئي ۽ ڪيس ڪنهن حد تائين پهچي وڃي

معياري تعليم هر علائقي ۾ عام ٿيڻ گهرجي، اسان گهٽ فاطمه ڦورو درو ڪيو جتي اسڪول ۽ بنيادي سهولتون نه آهن

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي : سجل گوٺ پرسان

شاهنواز شهر گوٺ ۾ لڳندڙ بجت

بازار مان موٽرسائيڪل چوري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي : سجل گوٺ پرسان ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر : سماجي اڳواڻ نيلوفر بختيار ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

انسان ذات جي خدمت ڪرڻ لاءِ بورڊ متاثرين جي پرگهورلهڻ گهرجي : ڊي سي دادو

ڊسٽرڪٽ هيڊ ايگريڪلچر ايڪسٽينشن، لائيو اسٽاڪ کاتي سان ڪوآرڊينيشن اجلاس ٿيو

تعليم، صحت، پيئڻ جو صاف پاڻي، روڊ، جانورن جي مختلف بيمارين بابت سار لڌي ورتي وڃي

ضلعي انتظاميا وچ ۾ هڪ لاڳاپيل ڪميٽي جي جوڙڻ تي اتفاق ڪيو ويو ته جيئن مسئلا فوري طور حل ٿي سگهن

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين پرسان سمر نالي ايل 17 جي ڪوٽائي نه ٿيڻ ۽ پرپاسي جا ڳوٺ ٻڏڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سوڪان وڏيڪ ڳوٺاڻن مبارڪ جمالي، عبدالڪريم جمالي، محمد علي جمالي، ڊاڪٽر نراڻ چانڊيو، محمد صالح ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪيترائي ڳوٺ برساتي پاڻي جي هيٺ اچي ويا آهن، سمر نالي جي ڪوٽائي نه ٿيڻ ڪري پاڻي ڳوٺن ۽ فصلن ۾ داخل ٿي ويو : مظاهرين جون ڳالهيون

ايڪز ايڪسئن ۽ ٽرسٽي ڪاٽي آهن، سمر نالي جي ڪوٽائي ڪرائي وڃي ته جيئن پاڻي جو نيڪال ٿي سگهي

بدين (رپورٽ گل محمد) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين : ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو : ڊي ايس پي

عبدالخالق وڳڻ حيدرآباد

بدلي ٿي ويو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڊي ايس پي عبدالخالق وڳڻ حيدرآباد بدلي ٿي ويو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪرڻ لاءِ اسان کي اڳتي اچڻو پوندو : صادق لاکو

لطيف جي شاعريءَ ۾ حسن ڪرنگ ۽ سنڌ سميت مظلوم پرتن لاءِ نجات جا ڪس موجود آهن

اسڪولن ۾ فرنيچر، اسٽاف جي ڪوٽ، درسي ڪتابن توڙي ٻين بنيادي سهولتن جي ڪوٽ آهي

نئين ضلعي ۾ تعليمي صورتحال خطرناڪ حد تائين خراب آهي جنهن لاءِ وڏي جاکوڙ مهر هلائڻ جي ضرورت آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ لطيف ڪفري) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

الهڏنو ملاح تعليم کاتي سنڌ جو انمول ڪردار آهي : عبداللطيف مغل

گسنا هجي يا آفيسرس ايسوسيئيشن ۾ سائين هڪ متحرڪ ڪردار جيان اتي پاڻ ملهايو

هن ايمانداري سان سروس ۾ پنهنجي ڪئي جيڪا اسان سڀني لاءِ هڪ سهڻو مثال آهي

بدين (رپورٽ : مرتضيٰ ميمڻ) ضلع تعليمي آفيسر بدين ۾ سائين الهڏنو ملاح جي تعليم کاتي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

جان محمد سوسائٽي جي يوسي قاضي بادل مهر ۾ جونيئر نمائندن جي گڏجاڻي

يوسي جي بجيٽ مان يوٿٽي پيل گوٺن جا بنا ڪنهن فرق جي ترقياتي ڪم ڪرائينداسين : چيئرمين

مچڻن جي آزار سبب اسين يوسي جي بجيٽ مان مچرمار اسپري واري مشين خريد ڪئي آهي

جان محمد سوسائٽي (رپورٽ غلام رسول مهر) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جان محمد سوسائٽي : گڏجاڻي دوران اڳواڻن جو گروپ فوٽو

ٺٽو پريسان نوجوان برانچ موري واه ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي

خودڪشي ڪندڙ نوجوان تنوير سروان جا وارث ٺٽو سجاول روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

انتظاميا پاران نوجوان جي لاش جي گولا لاءِ اسان سان ڪو به تعاون نه پيو ڪيو وڃي : وارث

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بلدر مافيا ۽ قبضا مافيا جو گهيراءُ ڪيو وڃي : مير علي نواز خان ٽالپر

بلدر مافيا ۽ قبضا مافيا سموري شهر کي اذيتن جيان ڪاٽي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو آهي

قسر جا بنيادي انساني حق لتاڙي عوام سان غلاميءَ جو بدترين ڪاروار رکي بٺي وئي

ٽنڊو محمد خان (م ر مظفر علي بروهي) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

بدين ۾ افغانين جا ڪٽڪ لٿل، انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل

ڪيترن ئي افغانين کي رهائشي سرٽيفڪيٽ ۽ شناختي ڪارڊ جاري

ماڻهن بشمول جي لاڄ ۾ افغانين کي گهر ۽ دڪان مسواڙ تي ڏئي ڇڏيا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) حڪومت پاران ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو : سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس ۾ رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي وئي

ملڪ ۾ رت ٿيليسيميا ۽ هيموفيليا پارن کي لڳايو ويندو ته جيئن ٻارن جون زندگيون بچي سگهن : ڊاڪٽر

اپاز درس سميت مختلف ڪميٽي جي دوستن پاران رت ڪيمپ ۾ رت عطيي طور ڏنو ويو

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو : ڪئمپ ۾ نوجوان رت عطيو ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ مختلف هنڌن تي سستي اٽي جا 6 اسٽال لڳايا ويا

عوام کي 115 روپيا في ڪلو سستو اٽو فراهم ڪيو پيو وڃي : ڊپٽي ڪمشنر

اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ٻين شهرن ۾ به سستي اٽي جا اسٽال لڳايا وڃن

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

اسلام ڪوٽ ۾ نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ڪيڊيو ويو

12 ٽيمن حصو ورتو، فائنل ميچ ڪاڪنهار بجير اليون پنهنجي نالي ڪري ورتو

اسپيڪر ۽ شانتي ڪرڪيٽ شرڪت ڪئي، رانديگرن کي ٽرافيون ڏنيون ويون

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

اسلام ڪوٽ : رانديگرن جو ٽرافي سان گروپ فوٽو

سکر ۾ ليبر قانونن جي پيچيدگين جو سلسلو جاري، ليبر مڪمل غير فعال

آفيسر ۽ عملو خلاف ورزي ڪندڙن کي روڪڻ ۽ حل ڪرڻ بدران رکو آفيسن تائين محدود ٿي ويا

ڪمون منڊي جي بازار جا واپاري مزدور عورت ۽ مرد مزدورن کان گهٽ اجرت تي مزدوري ڪرائي رهيا

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

برساتي نالن کي بند ڪرڻ لاءِ بند ٻڌي ويا آهن : غلام قادر جوڻيجو

برساتي نالا برسات دوران وڏي نقصان جو ڪارڻ بڻجي سگهن ٿا

درگاهه کي جوڊيواري ڏياري اينڊ زائرين کي محفوظ بڻايو آهي

ٽنڊو (م) (جوڻيجو) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي چڪي آهي : راشد محمود سومرو

جميعت علماءِ اسلام (ف) ٻ پ جي نه ڪڏهن اتحادي رهي آهي ۽ نه ڪڏهن هوندي

قتل، ڦرلٽ، بدامني، چوري، ڦرلٽ جا واقعا معمول بڻجي رهيا آهن، ته ماڻهو محفوظ آهن

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر : جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

دڙو ۾ صحافي اتحاد جي سڏ تي احتجاجي ريلي، سخت نعريبازي

شهيد صحافي جان محمد مهر ۽ صحافي اصغر کنڊ جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

صحافين جو قتل عام ۽ سوشل ميڊيا تي صحافين جي ڪردار ڪشي بند ڪريو جا زوردار نعرا هنيا ويا

حق ۽ سچ لکندڙ صحافين کي سوچيل سمجهيل سازش تحت گولي گولي قتل ڪيو پيو وڃي : مظاهرين

دڙو (رپورٽ : شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ صحافي اتحاد جي سڏ تي صحافي جان محمد مهر ۽ صحافي اصغر کنڊ جي قتل ۽ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دڙو : صحافين جي قتل ۾ ملوث ڏوهارين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانپورمهر ۾ صحافي ياسين ميراڻي

جو والد دارو غو ڪريم بخش ميراڻي

هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو

خانپورمهر (رپورٽ : آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ صحافي ياسين ميراڻي جو والد دارو غو ڪريم بخش ميراڻي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر ۾ اين پي آءِ ڊبليو سنڌ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ جي ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو

ممتاز پهنور، غلام احمد ابڙو، طارق ڪوسو، علي دوست بروهي، جلال ملاح، مجيب الرحمان، افضل ملاح، رياض احمد ڏاهر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

مختلف ضلعن سان تعلق رکندڙ 650 ڪانٽريڪٽي ملازم 17 سالن کان ڪم ڪري رهيا آهيون پر هن وقت تائين نه ڪي پڪو ڪيو ويو آهي : مظاهرين

گذريل ٽن مهينن کان پگهار نه ملڻ سبب گهرن ۾ فاقه ڪشي واري صورتحال آهي گهرن جي مسواڙ ادا نه ڪرڻ جي ڪري گهر کان ٻاهر ٿي ويا آهيون

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين : سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر

جي صدر شاهه نواز خان جمالي

۽ ٻين جي ڊي سي سان ملاقات

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر جي صدر شاهه نواز خان جمالي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر : متاثر ملازم گڏ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

مسئلن جي حل لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو : اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو

خدمت خلق جي جذبي سان سرشار اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو ذيشان حيدر شيخ شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ ميدان تي اچي ويو

مختلف علائقن جو دورو ڪرڻ بعد ڊي او گهوٽڪي، ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۽ ضلعي جي ٻين سينٽرس ۾ بي ايڇ يو جو دورو ڪيو

اسان اسسٽنٽ ڪمشنر جا مشڪور آهيون جنهن بي ايڇ يو جو دورو ڪري اسان جي ڪيل عوامي خدمتن کي ساراهيو : ايڊمنسٽريٽر

ميرپور ماٿيلو (رپورٽ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو ديرو : گهانگهرا ۽ جروار برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي ۾ وارو مامرو، متاثرن وٽ قافلو پهتو

علائقي جا معزز گوٺ خانواه زخمي نوجوان جي وارثن وٽ تڏي تي پنهنجي پاران ميڙ منٿ قافلو ڪري پهتا

سپ پاٽڙ ۽ پاٽيسري آهيون هن وقت جروار برادري سان تمام وڏي ناجاتزي تي آهي : صوبدار خان جلباڻي

اسان وچ وارا پنهنجي شهر جو امن خراب ڪرڻ نه ڏينداسين، اسان سڀ پاٽيسري امن پسند قوم آهيون

ٺٽو ديرو (رپورٽ شاهه محمود پٺاڻ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو شهر ۾ بهراڙين ۽ بدامني رڪجي

نه سگهي قرون جورين روز جو معمول

بڻجي ويون، پوليس گهري ننڊ ستل

دادو (سنڌيار) دادو شهر ۾ بهراڙين ۽ بدامني رڪجي نه سگهي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽو : ميڙ منٿ قافلي جي اڳواڻن جو گروپ فوٽو

جوهي ۾ زرعي ۽ پيئڻ جو پاڻي بند ڪرڻ ۽ ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ اجلاس منعقد

اجلاس ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان، جسقم، ايس يو پي، عوامي پورهيت تحريڪ، پي ٽي آءِ، جوت تحريڪ ۽ ٻين جي شرڪت

ميونسپل ڪاميٽي جوهي ۾ ضرورت 50 ماڻهن جي آهي مگر پاڻي جي پار سئو کان مٿي سفارشي ڀرتيون ڪيون ويون آهن : اڳواڻ

جوهي راسين جو دشمن ساڳيو آهي جوهي ميونسپل ڪاميٽي جو چيئرمين علي خان لغاري ۽ انهن جي ٽيم ڪريٽ آهي

جوهي (رپورٽ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

شڪارپور جي فنانس ڊپارٽمينٽ پاران ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ کلي ڪچهري منعقد

ايڊيشنل فنانس سيڪريٽري غلام علي سومرو، ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سرڪاري ملازمن جي مسئلن جي جلد کان جلد حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي : ايڊيشنل فنانس سيڪريٽري

سرڪاري ملازمن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڪليل ڪچهريون منعقد ڪيون وينديون

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سلطانپور پرسان صوفي شاعر

اسرار احمد فقير (نانگوسائين)

جي ساليانو عرس جي تقريب

سلطانپور (رپورٽ) سلطانپور پرسان ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شڪارپور : کلي ڪچهري دوران اڳواڻ مسئلا ٻڌي رهيا آهن

سکر ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ عقيدت ۽ احترام سان ملهائڻ جو سلسلو جاري

غوثيه رضويه ٽرسٽ ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي، خاص مهمان مولانا مفتي محمد ابراهيم القادري هو

تقريب ۾ مدرسي حوزه جي شاگردن ۽ عاشق رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

نبي رحمت العالمين جي ولادت باسعادت جي موقعي تي امير، غريب جو تصور ختم ٿي ويو : عالم

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

** روزاني سنڌيار ڪراچي سنڌيار پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور جندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي ** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

ايڊيٽر:
اعجاز مهر

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 28 سيپٽمبر 2023 ع

عدالتي سرشتو ۽ چيف جسٽس آف پاڪستان جا ريمارڪس

چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ هڪ ڪيس جي ٻڌڻي دوران اهي ريمارڪس ڏنا آهن ته پنهنجن ذهنن مان اها ڳالهه ڪڍي ڇڏيو ته هاڻي ڪيسن ۾ التوا ملندي. سپريم ڪورٽ ۾ ڪيسن جي تاريخ وٺڻ وارو رجحان هاڻي نه هلندو. هڪ تاريخ تي نوٽيس ۽ ٻي تاريخ تي دليل ٿيڻ گهرجن. سپريم ڪورٽ ۾ تمام گهڻا ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهن. هاڻي ذهنن مان اهو تصور ڪڍي ڇڏيو ته ڪيسن ۾ تاريخ ملندي. چيف جسٽس آف پاڪستان اهو پڻ چيو ته اهو اصول هر عدالت تي لاڳو ٿيندو خاص طور تي سپريم ڪورٽ ۾. ٻن پيشين کان معاملو وڌيڪ نه هلندو. چو ته سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس هيٺين عدالتن کان ايندا آهن. ان ڪري ان ۾ سمورا دستاويز ۽ ٻيا ضروري ڪاغذ موجود هوندا آهن.

اسان جي ملڪ جو عدالتي سرشتو مختلف وقتن تي سوالن هيٺ ايندو رهيو آهي ۽ ڪجهه معاملن تي آڱريون پڻ کڄنديون رهنديون آهن. عالمي سطح تي انصاف جي سرشتي ۾ اسان جي رينڪنگ ڪهڙي آهي. اهو وقت بوقت عالمي سطح جي رپورٽن مان پڌرو ٿيندو رهيو آهي. جو ته اسان ان معاملي ۾ دنيا جي تمام گهڻن ملڪن کان پوئتي ۽ هيٺين سطح تي آهيون. ان جو سبب اسان وٽ عدالتي سرشتي ۾ جهول ۽ ڪوتاهيون آهن. ملڪ جي عدليه. جتي نظريهء ضرورت جي موجد رهي آهي. اتي جمهوري سرشتي (جڏي جيءَ واروئي سهي) جي قتل ۾ پڻ نظريهء ضرورت جو استعمال ٿيندو رهيو آهي. ان ڪانسواءِ آمرن کي تحفظ سميت ان جي دامن تي هڪ چونڊيل وزيراعظم جي عدالتي قتل ۽ ڪيترن وزيراعظمن جي چونڊيل حڪومتن کي ختم ڪرڻ ۽ سزائون ڏيڻ جا داغ پڻ رهيا آهن. هاڻي انهن داغن کي ڌوئڻ جي ضرورت آهي پر اهو صرف ۽ صرف تڏهن ممڪن آهي. جڏهن انصاف جو اهڙو نظام جڙندو. جنهن ۾ ساهميءَ جا ٻئي پلڙا برابر هوندا. افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته منصف جو قلم. ڪيترن ئي موقعن تي وقت جي حاڪم جي مرضيءَ جو مطيع رهيو آهي. جج پي سي او تحت حلف کڻندا رهيا آهن. اها پڻ ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي ته هن اهم اداري ۾ واضح ورڇ پڻ مشاهدي ۾ آئي. "هم خياليءَ" وارو اصطلاح پڻ ايجاد ٿيو. اعليٰ عدالتون سياسي جنگ جو پڻ اکاڙو بڻيون رهيون. اها ڳالهه به هاڻي لڪل ناهي رهي ته حڪمرانن ججن کان من پسند فيصلا ورتا. ايتري قدر جو موجوده چيف جسٽس کي آف پاڪستان کي پڻ انصاف لاءِ عدالت آڏو اچڻو پيو. اعليٰ عدالتن ۾ مرضيءَ جا جج مقرر ڪرڻ لاءِ لابنگ جي حوالي سان پڻ آڱريون کڄنديون رهيون آهن. ايتري قدر جو جوابدارن جي اعليٰ عدالت ۾ لفظن سان آجيان ٿيڻ جا مثال پڻ موجود آهن. جنهن ۾ هڪ هاءِ پروفائل ڪيس ۾ هڪ جوابدار جي انهن لفظن سان آجيان ٿي ته. "توهان کي ڏسي خوشي ٿي".

اها پڻ هڪ حقيقت آهي ته انصاف جي سرشتي کي عدالتي ايڪٽيوزم سان نقصان پهتو. ٻيو ته هڪ اڪيلي جج طرفان پاڻمرادي نوٽيس وارو اختيار ڪنهن بادشاهي اختيار کان گهٽ ناهي. ان ئي اختيار سان ٻين ادارن جي اختيارن ۾ مداخلت جا امڪان پيدا ٿيا. عدالتي سرشتي جي تاريخ ۾ اهو پڻ مثال موجود آهي ته ڪنهن ماڊل يا اداڪارا جي گرفتار ٿيڻ تي پاڻمرادو نوٽيس ورتو ويو. پر غريب عوام جي ساهه نپوڙڻ واري غربت ۽ عوام دشمن حڪومتي فيصلن وقت عدليه لاتعلق رهي. انصاف جي سرشتي جي اهڙي ئي ڪردار سبب سوال ٿيندا رهيا ۽ آڱريون کڄنديون رهيون. اهو ڪيڏو نه وڏو الميو آهي جو سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ 57 هزار ڪيس التوا ۾ آهن. اهڙي نموني هاءِ ڪورٽن ۽ ٻين ماتحت عدالتن ۾ التوا ۾ پيل ڪيسن جو تعداد ڪيترو هوندو. اهو سمجهڻ ڏکيو نه آهي. التويٰ ۾ ڪيسن جي ان وڏي تعداد جو هڪ سبب اهوئي آهي. جنهن جي نشاندهي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ڪئي آهي. يعني تاريخون وٺڻ. التوا ۾ گهڻن ڪيس جي هجڻ جي ڪري وقت سر فيصلو نه ٿئي ۽ ايتري قدر جو قاسيءَ جي سزائن وارا قيدي به فيصلي جو انتظار ڪندي ڪندي مري ڪپيو وڃن. ماتحت عدالتن جي حالت ته بنهه خراب آهي. جتي قيدي پنهنجي ڏوهه کان وڌيڪ سزا ڪاٽيو وڃن. ٻيو ته ماتحت عدالتن ۾ قيدين جون شنوائيون ئي نٿيون ٿيون ۽ ڪو ڪنهن ننڍڙي ڏوهه ۾ گرفتار ٿيل قيدي جڏهن 10 سالن ڪانپوءِ عدالت مان "باعزت بري" ٿئي ٿو ته اهو اسان جي ملڪ جي عدالتي سرشتي تي هڪ وڏو سوال آهي ته ان جي زندگيءَ جي انهن قيمتي ڏهن سالن جي نقصان جو ذميوار ڪير آهي؟ هڪ ٻيو مسئلو پڻ ڪيسن جي التوا جو سبب بڻجي پيو. جيڪو آهي قيدين کي شنوائين تي نه پهچائڻ. جيل انتظاميا شنوائين تي انهن قيدين کي پهچائي ٿي، جن وٽان ان کي پئسا ملن ٿا. ٻيا قيدي عدالتن ۾ پيش ئي نٿا ڪيا وڃن. جنهن جو پوليس وٽ اهو هڪيو تڪيو بهانو موجود هوندو آهي ته نفري نه آهي. ان حوالي سان پڻ عدالتِ عظميٰ کي اهڙا حڪم جاري ڪرڻا پوندا. جيئن جيل انتظاميا قيدين کي شنوائين کي پهچائڻ لاءِ پابند بڻجي.

چيف جسٽس آف پاڪستان طرفان ڪيسن جي جلدي اکلاءَ لاءِ فيصلي نما

انقلاب افغان جو جان نثار شهيد ڊاڪٽر نجيب الله

طفيل مگسي

سيپٽمبر 1996 ع جي 27 تاريخ ۽ ڪابل جي آريانا چوڪ جو منظر_هر پاسي رجعت پرستي جو طاعون ۽ ظلمت پرستي جو جنون_سوشلسٽ افغانستان جو آخري صدر ۽ ثور انقلاب جو آخري جان نثار ڪامريڊ نجيب الله ڦاسي جي تخت تي لٽڪيل آهي. هن جو سينو مرڻ ڪانپوءِ به جهڪيل ناهي. هن جو ڳاٽ اوچو آهي.. هو ويهين صدي جي آخري ڏهاڪي ۾ ڪميونسٽن جي همت، حوصلي ۽ بهادري جو نشان آهي. ۽ انهن روشن روايتن جو تسلسل جنهن سان گرامچي، جيولس فيوچڪ ڪرسٽوفر ڪاڊول، رائف فاڪس، ڊيوڊگيسٽ، ڀڳت سنگهه، ميرداد، دڪتور چائوشسڪو، حسن ناصر ۽ نذير عباسي جهڙن بيشمار ڪميونسٽ شهيدن جا نانءُ ڳنڍيل آهن. هو انقلابين جي وقار ۽ انهن جي بهادري ۾ هڪ ٻيو داستان لکي رهيو هو. هن جي داستان تي پنهنجي ئي رت جا گلاب ٽڙيل آهن. ليڪن هن جي مٿي تي پريشاني جو ڪو گهنج ناهي، هن جي ڳچيءَ ۾ رسيون جهومي رهيون آهن. ليڪن انهن ۾ رسوائي جو ڪو زنجير ناهي. ڪابل جون اونداهيون هن کي ڳڙڪائي نٿيون سگهن. ڇاڪاڻ ته هو روشني جو نمائندو هو. ان ڪري هو اونداهين غارن ۾ لهڻ جي بجاءِ ان تاريخ جو حصو بڻجي ويو. جيڪو محنت ڪش عوام ۽ مظلوم قومن جي رت سان سرخ آهي.

انقلاب ثور سڏجڻ واري افغان سوشلسٽ انقلاب جو ڳاڙهو جهنڊو 27 اپريل 1978 ع ڌاري فضائن ۾ بلند ٿيو هو. جنهن ظاهر شاهن ۽ دائود خانن کي تاريخ جي گند ۾ ڦٽو ڪري هن ڳالهه جو اعلان ڪيو هو ته هي نه صرف افغان محنت ڪش بلڪ خطي جي مظلوم قومن جي لاءِ به هڪ نئين صبح جي شروعات آهي. هن انقلاب افغانستان ۾ شاهن ۽ انهن جي درٻاري ملائن ۽ جاگيرن جي مالڪن جي گٺ جوڙ ۽ استحصال جي سمورين شڪلين جو خاتمو ڪري صدين کان چتيل محنت ڪش کي پنهنجي تقدير جو مالڪ بڻايو. وسيلن علم ۽ هنر جي خزانن تي ويٺل ڪارن واسينگ ناگن جون منڍيون چٿي ڇڏيون ۽ عورتن کي رڍن ٻڪرين جيان وڪرو ڪري چڙڻ ڏوهه قرار ڏنو ويو. صرف ايترو ئي نه بلڪ هن انقلاب ڊيرنڊ لائن جي هن پاسي به محنت ڪش عوام ۽

اصل منزل سماجي مرضن جو اعلاج هو. ان جو تعلق افغانستان جي "پرچم ڌڙي" سان هو. جنهن بعد ۾ "خلق" ڌڙي سان ناهه ڪيو هو.

هو انقلاب ڪانپوءِ مختلف عهدن تي خدمتون ڏيندو رهيو. جنهن ۾ افغان اينٽيلي جنيس "خاد" جي اڳواڻي به شامل هئي. 1986 ع ڪامريڊ نجيب "خلق ڊيموڪريٽڪ پارٽي" جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ انهيءَ سال تي 4 مئي ۾ هن سوشلسٽ افغانستان جي چوٿين صدر جي طور تي قسم کنيو. ان جي سموري زندگي هڪ انقلابي سياسي طور تي گذري. هو امريڪي امپريلزم ۽ ان جي پٺوئن جي خلاف ديوار چين بڻيو رهيو. هو چوندو هو ته "امريڪي سامراج کي افغانستان يا افغانين سان ڪا دلچسپي ناهي. اهو صرف ئي صرف اسان جي سرزمين تي قبضو ڪري پنهنجي ارادن کي استعمال ڪرڻ چاهي ٿو ۽ انقلابي حڪومت ان جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. امريڪي هٿيار ۽ ڊالرن جي لاءِ هٿ پکيڙڻ وارا ان کي درست سمجهن ٿا ته اهي غلطي تي آهن. امريڪي سامراج جو مقصد صرف ۽ صرف افغانستان جي تباهي آهي.

اڄ وارن وقتن ڪامريڊ جي انهن لفظن کي اکر به اکر سچ ثابت ڪيو. جنيوا ڳالهين جي تحت سوويت يونين جون فوجيون 1988 ع ۾ افغانستان کان هليون ويون ته سڄي دنيا ۾ دهل وڄايو ويو ته ڊاڪٽر نجيب الله جي ڪميونسٽ حڪومت هاڻي هڪ ٻن ڏينهن جي مهمان آهي. ليڪن انهنجي اها خواهش پوري نه ٿي سگهي. سوويت فوجين کي ڀوڄائي ڪرڻ جا دعويدار 4 سالن تائين هن جو وار به نه ٻڏي سگهيا. ان موقعي تي به ڪامريڊ نجيب اللهبتومي مصالحت جي ڳالهه ڪئي. امن جي ڳالهه ڪئي. ٻين جي اڳيان هٿ پکيڙڻ جي ڳالهه نه ڪئي. بلڪ افغان انقلاب جي ڳالهه ڪئي.

هو هڪ سچو ڪميونسٽ ۽ حقيقي سامراج مخالف وطن پرست هو. ڊاڪٽر نجيب الله ڀيريون مصالحت ڪار هو جنهن ان مقصد جي لاءِ هڪ ڪميشن ناهي. جنگجوئن کي ڳالهين تي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان زماني ۾ "افغان قومي جرڳي" جي خطاب جي موقعي تي هن جا هي لفظ هئا "ليڪ

ان سموري صورتحال جو منطقي نتيجو طالبان جو ظهور هو جن هن وحشت ۽ سفاڪي ۾ پاڻ کان اڳ وارن "مجاهدن" کي مات ڏئي ڇڏي. 27 سيپٽمبر 1996 ع ۾ طالبان ڪابل تي قابض ٿي ويا ۽ انهيءَ ڏينهن هڪ عالمي سازش جي تحت فاشسزتبن جو هڪ ٽولو اقوام متحده جي آفيس ۾ داخل ٿيو جتي ڊاڪٽر نجيب الله ۽ دندس ڀاءُ شاهپور کي بدترين تشدد جو نشانو بڻايو ويو انهن جي جسمن کي سگريٽن سان ڏنڀيو ويو انهن جا عضوا وڍيا ويا. انهن جي لاشن کي گاڏي سان ٻڌي ڪري ۽ پوءِ ڪابل جي آريانا چوڪ ۾ لڙڪائي ڪري انهن جي وات ۾ ڊالر وڌيا ويا.

اها ئي اهڙي خصيص ذهنيت هئي. جيڪا پاڻ خصي هئي. جيڪا پاڻ امريڪي ڊالرن جي پيداوار هئي ۽ اهي ڊالر انهن جي پنهنجي رت ۾ شامل هئا. ۽ اهو عمل انهن ماڻهن جو هو جيڪي پاڻ کي مذهبجا استاد ۽ اسلام جو خيرخواه سڏبي ٽڪيا ٿي نٿي. جيڪي پاڻ کي درست رستي تي ۽ ٻين کي گمراهه سمجهن ٿا. ان انڌير نگري ۾ جيڪا افغانستان تي گذري اهو دنيا ڏسي چڪي آهي ۽ اڄ به ڏسي رهي آهي. اقوام متحده جي آفيس ۾ بين الاقوامي قانونن جي تحت ڪامريڊ نجيب الله کي جيڪا حفاظت حاصل هئي. اها هن کي نه ڏني وئي ليڪن اقوام متحده جي دامن تي اهو ڀيريون خون نه نه هو

افغانستان جي هٿرادو "امير المونين" ملان عمر اعلان ڪيو ته "اهو ڪميونسٽ ڪافر هو تنهن ڪري نه نه ان جو جنازو پڙهيو وڃي نه ئي هن کي دفن ڪيو وڃي. "ليڪن "اميرالمونين جي اها خواهش پوري نٿي سگهي. هن جو لاش هن جي ابائي شهر گرديز "پڪتيا" آندو ويو جتي هن جو جنازو به ٿيو ۽ دفن پڻ ٿيو اقوام متحده جي آفيس ۾ رهائش جي دوران ڪافي اينرا موقعا ميسر ٿيس ته جڏهن نجيب الله افغانستان کان آساني سان ڪنهن ٻيئي ملڪ منتقل ٿي ٻيئي سگهيو هو مگر هن پنهنجي مٽيءَ کان پاڻ کي الڳ ڪرڻ نٿي چاهيو ۽ هڪ بهادر انقلابي جيان موت کي سيني لائي ڪري انقلابي روايتن کي زنده

ڪُوني ڪُهي سُپرِين، ڪوني ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نِينهنَ جي، پاسي ڪرمَ پاڻُ؛
ڄُلُ، وِڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

غريبن جي خلاف سڀ هڪ پيج تي!

علي رضا قاضي

آمريڪا جي شهر نيويارڪ ۾ اهو شام جو وقت هو. جڏهن آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽينا لينا جارجيوا جو هڪ هٿ اسان جو نگران وزيراعظم پنهنجي ٻنهي هٿن سان پڪڙي ڪئميرائن جي فليش ۾ فاتحانه مرڪ سان سامهون بيٺلن ڏانهن گهوري رهيو هو! عجب نموني سان هڪ عورت جو هٿ ٻنهي هٿن سان جهلي تصوير شيئر ٿيڻ سان جتي سوشل ميڊيا تي ان بابت ڪيترائي دلچسپ تبصرا شروع ٿي ويا؛ اتي ڪجهه دير اندر ئي سڄي دنيا جي ميڊيا تي اها خبر پڻ نشر ٿيڻ لڳي ته آءِ ايم. ايف جي ايم. ڊي پاڪستان جي نگران وزيراعظم سان ملاقات ۾ مطالبو ڪيو آهي ته. "ملڪ مان اميرن کان ٽيڪس اڳاڙي ڪري مسڪينن جي مدد ڪئي وڃي". ڪجهه خابرو ادارن مان اهو پڻ نشر ٿيو ته. "اميرن کان ٽيڪس وٺي، غريبن کي تحفظ ڏنو وڃي".

پاڻ هون ءِ ته سمجهون ٿا ته سڄي دنيا جي 'اليٽ ڪلاس' جو هڪ ئي مقصد آهي ته ڪنهن طرح غريبن کي قربو لٿيو وڃي. پر پاڪستان ۾ جهڙي ريت هن اشرف المخلوقات ديس جي مسڪينن کي لٿيو آهي. ان جو دنيا جي ماضي قريب جي تاريخ ۾ ڪٿي به مثال نه ٿو ملي. ملڪ ۾ بلي ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي اچي يا دنيا ۾ پيٽرول جي اگهن ۾ لاٿ ٿئي. ڪنهن به صورت هتان جي ماڻهن کي بخش ناهي ڪرڻو خبر ناهي ان ڳالهه ۾ ڪيتري صداقت آهي. پر جهڙي ريت هي ملڪ جن ظالمن جي هٿ ۾ آهي ته اها ڳالهه غلط نه هرندي ته گذريل ڪيتري ئي وقت کان ملڪ ۾ بجلي جي پيداوار ۽ ان جي استعمال کان چوڻا پنجوڻا بل موڪليا پيا وڃن. اميد ته هي سادي ڳالهه، جيڪا ايتري به سادي ناهي پر توهان سمجهي ويا هوندا ته ملڪ ۾ بجليءَ جي ڪل پيداوار ۽ پوءِ ان جو استعمال وري جو بلن ۾ موڪليل يونٽن جو حساب ڪيو ويو ته خبر پئي ته اهي هڪ لک ميگاواٽ کان به چڙهيل آهن. ان جو وري سادو مثال هن طرح آهي ته بجليءَ جون ڪمپنيون پنهنجي لائين لاسز کي ڪور ڪرڻ لاءِ اهڙن ميٽرن تي هزارين يونٽن جا بل موڪليندريون رهنديون آهن. جيڪي سالن کان بند هجن. منهنجي ڳوٺ ۾ اهڙن ميٽرن جو انگ سون ۾ آهي. جن مان هر هڪ تي هر مهيني ڪيترائي يونٽ هٿي انهن کي لکين روپين جو قرضي ڪيو ويو آهي. هاڻي هر ميٽر تي سراسري طور تي ڪان چار لک قرض آهي. مالڪ اهي پئسا ادا نه ٿو ڪري سگهي. هڪ پاسي بل جي عدم ادائگيءَ جي ڪري ڀهراڙين ۾ بجلي مڪمل طور ختم ڪئي وئي آهي ته ٻئي طرف بلن جي مد ۾ ڪروڙين روپيا هر مهيني لڳايا وڃن ٿا. وري اها ساڳي بجلي ٻئي پاسي ڪيائي بجلي ڪمپنين جا عملدار ارڀن جا مالڪ بڻجي ويا آهن. جيڪا ڳالهه هاڻي ڪنهن کان به ڳجهي ناهي. ٻين لفظن ۾ 'حمام ۾ سڀ ننگا آهن' جو لقاءُ آهي.

خير، پاڻ وري پنهنجي موضوع تي واپس اچون ٿا ته آءِ ايم. ايف جي ايم. ڊي پاڪستان جي نگران وزيراعظم جي اڳيان اها ڳالهه رکي ته. "غريبن کي رڳو جيئڻ ڏيو". خبر ناهي ته انوار الحق ڪاڪڙ صاحب اها ڳالهه ڪيتري سمجهي. پر پاڪستان جي معاشي صورتحال کي ڏسي سڄي دنيا جا

بقايا 01

وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ۽ نگران پنجاب جي وڏي وزير محسن نقوي کي 16 آڪٽوبر تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ سوشل ميڊيا تي توهين جوڳي مواد جي اشاعت بابت ڪيس جي ٻڌڻي جسٽس شجاعت علي خان ڪئي. عدالت نگران وزيراعظم کي 16 آڪٽوبر تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏيندي نگران پنجاب جي وڏي

آهي پر ايئر ڪيو ايئر به هميشه گڏيل نظر ايندي آهي. پيپلزپارٽي جو اهو موقف رهيو آهي هو ته سيني کي ڪلڪٽي هلڻ جي ڳالهه ڪندي آهي پر هن ٻيري پيپلزپارٽي کي تف تائر ملڻ وارو آهي. ايئر ڪيو ايئر پاڪستان پارٽيءَ ان کان اڳ وفاق ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبا ڪيا ويا هئا جن جون بعد ۾ شڪايتون ڪيون ويون ته اهي مطالبا منظور نه ڪيا ويا. تازو ايئر ڪيو ايئر اڳواڻ پنهنجين پريس

بقايا — سنڌيار — 01

تفصيل موجب دڙو ۾ صحافي اتحاد جي سڏ تي سينئر صحافي گل چوهاڻ، اعجاز اختر ميمڻ، امداد ميمڻ، طلعت آڪاش پٽي، منظار ٺاراڻي، غلام مصطفي ڪچي، دودو سومرو، اسلم سومرو، جي ايم شاهه، محمد يوسف سومرو، امتياز سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سزوڪي اسٽاپ کان پڃاري پل چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ چونڊيل نمائندن يوسي لاڦهور جي چيئرمين عزيز سومرو، يوسي خانپور جي چيئرمين رياض سومرو، اقبال سومرو، ٽائون ڪميٽي دڙو جي ڪائونسلر اڪبر عيساڻي سميت مختلف سياسي تنظيمن سنڌ ترقي پسند پارٽي، عوامي تحريڪ، جي يو آئي، تحريڪ لبيڪ پاڪستان، قومي عوامي تحريڪ، سنڌي ادبي سنگت، آپڪا، پيراميڊيڪل اسٽاف، ويڪسينيٽر ايسوسيشن جا اڳواڻ عبدالڪريم پليجو اشرف پليجو عزيز ميمڻ، حافظ عبدالغفور ميمڻ، حافظ اعجاز سومرو، يعقوب ڪيڙانو امين سومرو لاڪائي، امتياز آڪاش، سجل سومرو سرفراز سومرو، يونس سومرو، لطيف اڪبر شاهه، عزيز سولنگي، اصغر سومرو، نواز سومرو، اختر ڪچي، منور ميمڻ ۽ ٻيا شريڪ ٿي شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ڪريو، صحافين جو قتل عام ۽ سوشل ميڊيا تي صحافين جي ڪردار ڪشي بند ڪريو جا زوردار نعرا هنيا ويا. ان موقعي تي صحافي ۽ سياسي سماجي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو حڪومت ۽ پوليس جي نااهلي جي ڪري شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل ڏيڍ مهينو گذرڻ باوجود اڃا تائين گرفتار ٿي نه سگهيا آهن، گهرو وزير هر پيري مهلت گهري پنهنجي جند آجي ڪرايو وڃي، جوابدار گرفتار ڪري صحافين ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي، هنن چيو ته حق ۽ سچ لکندڙ صحافين کي سوچيل سمجهيل سازش تحت گولي گولي قتل ڪيو پيو وڃي، صحافين کي هيسائڻ ۽ سندن ڪردار ڪشي جو سلسلو بند ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 02

هو وفات ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ ۾ ادا ڪرڻ بعد سندس مڙهه خانگڙه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو صحافين سياسي سماجي اڳواڻن توڙي شهرين تدفين تي پهچي صحافي ياسين ميراڻي سان والد جي ۽ استاد رحيم بخش ميراڻي سائين بخش مراڻي سان سندس وڏي ڀاءُ جي وفات تي تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو.

بقايا — سنڌيار — 03

ريجن حيدرآباد عبداللطيف مغل چيو سائين الهڏنو ملاح تعليم کاتي سنڌ جو انمول ڪردار آهي جنهن ڪڏهن به پئسي ڏوڪڙ جي لالچ نه ڪئي هن ايمانداري سان پنهنجي سروس جي پڄاڻي ڪئي جيڪا اسان سڀني لاءِ هڪ سهڻو مثال آهي. ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اسٽيڊا سنڌ سيد رسول بخش شاهه چيو ته سائين اي ڊي ملاح هڪ استاد ڪان وٺي هڪ بهترين آفيسر تائين پاڻ ملهايو هن چيو ته گسٽا هجي يا آفيسرس ايسوسيئيشن پر سائين هڪ متحرڪ ڪردر جيان اتي پاڻ ملهايو سندس ڊائريڪٽر آفيس ۾ مقرري دوران ڪوڙ سارا اهڙا ڏکيا ڪم هٿا جيڪي سائين جن پنهنجي هوشياري ۽ ڏاهپ خوش اسلوبي سان سرانجام ڏنا. زين العابدين لغاري صاحب ڊائريڪٽر اسٽيڊا سنڌ چيو ته گسٽا هجي يا گواز يا آفيسر جي حيثيت ۾ آئون خوشنصيب آهيان جو مونکي سائڻ سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو هن چيو هڪ ئي وقت پاليسي ، بهترين انتظام ڪاري، رولز بابت ڪيس بهترين ڄاڻ سندس خوبي آهي اهڙا سنڌ ۾ گهٽ آفيسر آهن جيڪي اهڙي قابليت رکن ٿا. تقريب کي خطاب ڪندي سائين الهڏنو ملاح چيو ته اڄ جيڪو مان اوهان مونکي ڏنو آهي ،سچ پچ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي . اڄ سڄي سنڌ مان منهنجي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ مان وارن مهمانن جو آئون انتهائي شڪرگذار آهيان مون جيڪو ڪجهه ڪيو اهو منهنجو فرض هو . اسان مان هر ماڻهو کي پنهنجو فرض ايمانداري سان نڀائڻ گهرجي . جيڪا به ذميواري ملي اها بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءُ جي نڀائڻ گهرجي عهدا اچڻا وڃڻا آهن ، مگر اصولن تي سوديبازي نه ڪرڻ گهرجي. تقريب کي استادن ڪريم بخش پنهور سڪندر علي ملاح الهڏنو سمون محمد صديق سومرو، آپا اصما پٽي آپا قرت العين ميمڻ آپا صباحت ميمڻ سايين اڪرم شاهه ، اي جي ساند نصير ميمڻ الطاف ميمڻ غلام سرور انور پارابي محمد يونس، نياز احمد ميمڻ ٽي او پرائمري گولاڙچي، شفيع نوناري ،نور محمد کتري ،اعجاز هڱورجو محمد محسن مخدوم ، بابو لغاري پروگرام ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ ڊي او بدين بدين الهڏنو ملاح جي زندگي ۽ خدمتن تي ناهيل ڊاڪيومينٽري ڏيکاري وئي. تقريب ۾ نالي وارن فنڪارن نارائڻ داس ، بالاچ حيدري ، نذير حيدري ،پرويز جوڻيجو ۽ ٻين سرن جي ورکا ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا . بدين سميت سنڌ جي مختلف شهرن مان ايل استادن ، آفيسرن، ڪيس سون جي تعداد ۾ اجرڪن جا تحفا ڏئي پيٽا ڏني.

بقايا — سنڌيار — 04

۾ يوسي جي چونڊيل نمائندن جنهن ۾ چيئرمين محمد قاسم چاچڙ وائيس چيئرمين سعيد احمد آرائين سيڪريٽري امان الله قاضي سينئر ڪلارڪ عبدالفتاح قاضي غلام شبير چاچڙ ڪائونسلر ايڊووڪيٽ عبدالستار مهر سميت ٻين شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ صلاح ڪئي وئي ته يوسي جي بجيٽ مان يوسي جي ننڍن وڏن اسٽاپن مسجدن ۾ سولر لاڳيٽون هنيو ويندو يوسي جي ڳوٺن جو جائزو ورتو وئي ڪري جنهن ڳوٺ ۾ رستي جي صحولت ناهي انهن ڳوٺن ۾ مٽي جو پراڻ ڪرائي ڏنو ويندو انهي موقعي تي چيئرمين محمد قاسم چاچڙ جو چوڻ هو ته اسن هتان جي مسڪين ماروئڙن جي يوسي جي بجيٽ مان پوئتي پيل ڳوٺن جا بنا ڪنهن فرق جي ترقياتي ڪم ڪرائينداسين مڇرن جي آزار سبب اسين يوسي جي بجيٽ مان مڇر مار اسپري واري مشين خريد ڪئي آهي جنهن سان يوسي جي ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري ڪرايو ويندو بجيٽ تمام ٿوري هجڻ باوجود اسين هتان جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري رهيان آهيون هتان جي رهواسين جي خدمت ڪرڻ اسان مٿان فرض آهي جيڪو اسين پورو ڪنداسين

بقايا — سنڌيار — 05

ايڪسئين سيپڪو اعجاز احمد ڊيٿو، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر محمد موسيٰ گوندل، ڊي ايس پي پوليس نوشهروفيروز، اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ايڪسئين سيپڪو کي هدايو ته مقامي عدالت ۾ ڪيس داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، هن چيو ته گريڊ 17 يا ان کان مٿي جي آفيسر کي اختيار آهي ته هو بجلي چورن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري ۽ جيڪي غلط آهن انهن جا بقايا ۽ بل درست ڪري ته جيئن اهي پنهنجا بقاياجات ادا ڪري سگهن. هن چيو ته بجلي جي چوري جا بقايا وصول ڪري سگهن ٿا، بجلي جي چوري ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪبي، هن وڌيڪ چيو ته بجلي چوري روڪڻ جو بنيادي ڪم سيپڪو جو آهي، انتظاميا ۽ پوليس توهان جي مدد ڪري رهي آهي، اجلاس کي خطاب ڪندي ايس ايس پي عابد علي بلوچ چيو ته پوليس سيپڪو جي مدد ڪري رهي آهي. بجلي چوري کي روڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 06

مطابق ٻار ڳوٺ ۾ زمين تي کيڏي رهيا هئا ته انهن کي راڪيٽ لانچر جو گولو مليو جيڪو گهر کڻي آيا ۽ ٻار گولو کي کيڏڻ لڳا ته گولو گهر اندر ڦاٽي پيو واقعي واري جاءِ تي پوليس جي وڏي نفري موجود پوليس جي فرانزڪ ۽ BDبم ڊسپوزل ٽيمون موقع واردات طرف روانا

بقايا — سنڌيار — 07

جي قسط وصول ڪرڻ لاءِ عورتن جي سينٽرز تي وڏي ڀيهه، شديد گرمي ۽ اٿوري انتظامن سبب معصوم ٻارڙن توڙي مردن سان گڏ پهتل هزارين عورتون سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏڳهي قطارن ۾ بيهڻ سبب عورتون عذاب ۾ مبتلائي ويون. مستحق عورتون 9 هزار روپين جي قسط مان هڪ هزار کان 1500 سئو روپيا ناجائز ڪٽوتي جون شڪايتون ڪنديون رهيون. جڏهن ته مستحق عورتن طرفان آيل امدادي وظيفي مان وڏي پيمانې تي ڪٽوتي، جون ڏانهون پڻ ڪيون ويون آهن. ان کان علاوه مويا ڏندو نظربون شهرن سميت ڪافي ٻين سينٽر تي به مستحق عورتون وظيفو وٺڻ لاءِ ويتر دربدر رهيون، عورتون وظيفي مان هڪ هزار کان 1500 سئو روپين تائين ڪٽوتي جون داٿهون ڪنديون رهيون. هوڏانهن آهي به اطلاع آهن ته هڪ پاسي بئنڪ لوڪيشن جو بهانو ۽ مختلف ڪريٽ مافيائن سان سيٽنگ نه ٿيڻ ڪري ڊوائيسز هولڊر رقمون ۽ مشينون ڪٽي گجهن هنڌن تي روانا ٿي ويا. مستحق عورتن مردن پاران احتجاجي مظاهرا ٿيئي طرف ننڍن وڏن شهرن توڙي علائقن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڪافي سينٽرن تي عورتن جي وڏي پيهه هجڻ ڪري گرمي سبب عورتون ٻارڙا بيهوش ٿيڻ لڳا مظاهرين اسسٽنٽ ڪمشنر سميت ٻين اختيارين کان مطالبي جي گهر ڪندي چيو آهي ته هلندڙ سينٽرن تي سهولتون ميسر ڪري ڏنيون وڃن ۽ ملوث عناصرن خلاف سخت کان سخت قانوني ڪاروائي عمل ۾ آندي وڃي ته جيئن مسڪين مستحقين کي پورو وظيفو ملي سگهي

بقايا — سنڌيار — 08

اڃاتال چور بشير احمد مهر جي گهر پاهران آساني سان چوري ڪري فرار ٿي ويا. ان سلسلي ۾ شهري حلقن ۾ گهٽي جي لهر چانيل آهي ۽ هنن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا — سنڌيار — 09

مير ڪاظم رضا ٽالپر چيو آهي ته ٽنڊي محمد خان جي قديم مڇي مارڪيٽ کي ڊاهي پٽ ڪري، لاتعداد خاندانن جي روزگار تي ڌاڙو هڻڻ واري حرڪت کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪبو هن پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته بلدر مافيا ۽ قبضا مافيا سموري شهر کي اڏوهي جيان کائي ڪوکلو ڪري ڇڏيو آهي، هر قسم جا بنيادي انساني حق لتاڙي عوام سان غلاميءَ واري بدترين ڪار روا رکي پئي وڃي، سموري شهر جو ستياناس ڪري، ماڻهن مسڪين ۽ غريب ماڻهن جي ننڍن ننڍن روزگارن جا دروازا به بند ڪيا پيا وڃن. هن چيو آهي ته اهڙي ظلم خلاف عوام سان گڏجي سرڀا احتجاج بنجي، عوام آزاريندڙن خلاف ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي، هنن سمورن شهر واسين کي اپيل ڪئي آهي ته پنهنجي ادارن ۽ روزگار جي وسيلن جي مڪمل مالڪي لاءِ هڪ آواز بنجي تاريخ ساز احتجاجي تحريڪ هلڻ گهرجي، بلدر مافيا ۽ قبضا مافيا جو گهيراءُ ڪيو وڃي، اسان شهر جي عوام سان هر ظلم ۽ زيادتيءَ واري عمل ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهنداسين. حقن جي حاصلات لاءِ هاڻي عوام کي اکيون کولي، سڄڻ ۽ دشمن جي سڃاڻپ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو هاڻي زيادتين جو سلسلو سهپ ۽ برداشت کان ٻاهر نڪري چڪو آهي، ٻئي طرف شهر جي سياسي، سماجي ڌرين، ساڃاهه وندن ۽ واپاري طبقي مڇي مارڪيٽ کي ڊاهي پٽ ڪري، بلدر مافيا حوالي ڪرڻ ۽ عوام کان روزگار کسڻ واري سازش خلاف رابطا مهم شروع ڪندي سخت احتجاجي تحريڪ جو ڇتا ڏنو آهي.

بقايا — سنڌيار — 10

سرٽيفڪيٽ ۽ شناختي ڪارڊ جاري ماڻهن پئسن جي لالچ ۾ افغانين کي گهر ۽ دڪان مسواڙ تي ڏئي ڇڏيا تفصيل موجب بدين ضلع ۾ هن وقت افغانين جا ڪٽڪ لٿل آهن جيڪي بدين شهر سميت گولاڙچي ڪڙيو گهنور گورواهه چوڪ ۽ ٻين علائقن ۾ مسواڙ تي گهرءِ دڪان وٺي رهائش اختيار ڪري گاڏين منشيات هٿيارن سميت ٻياڃ جو ڪاروبار ڪري رهيا آهن هنن هتي مستقل رهائش اختيار ڪرڻ لاءِ مقامي ٻااثر ماڻهن جي مدد سان رهائشي سرٽيفڪيٽ ۽ شناختي ڪارڊ پڻ حاصل ڪري ورتا آهن لالچ ۾ اچي ڪيترن مقامي ماڻهن ڪين گهر ۽ دڪان پڻ مسواڙ تي ڏيئي ڇڏيا آهن حڪومت طرفان افغانين کي پنهنجي ملڪ روانو ڪرڻ جي واضع اعلان جي باوجود بدين ضلعي انتظاميا افغانين کي واپس پنهنجي ملڪ موڪلڻ جي لاءِ سڄي ضلع ۾ ڪا به ڪاروائي شروع نه ڪئي آهي بدين ضلع جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن مير خادم ٽالپر شاهنواز سيال رشيد احمد گرهيانگ سنڌ جي نگران وڏي وزير ۽ گورنر سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته بدين ضلع ۾ موجود افغانين کي فوري طور تي گرفتار ڪري ڪين افغانستان روانو ڪيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 11

سماجي تنظيم سيلاني ۽ سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪئمپس جي سهڪار سان مڪلي تي سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ۾ رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ شاگردن شاگرديائين توڙي نوجوانن پهچي رت جو عطيو ڏنو سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ۾ لڳايل رت جي عطيي جي ڪئمپ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي شاگردن ساجد شيخ سرفراز ميمڻ سعود غني سهيل جوکيو فيضان ميمڻ راجا ڏاهر ۽ ٻين چيو ته ٺٽي ۾ ٿيلسيميا جي مريضن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿي رهي آهي ملندڙ رت ٿيلسيميا ۾ مبتلا ٻارن کي لڳايو ويندو ته جيئن معصوم ٻارن جون زندگيون بچي سگهن ڪيمپ ۾ ٺٽو يوٿ ايڪشن ڪميٽي جي سرواڻ فهد ڪرناڻي ڪيمپ جو دورو ڪيو جڏهن ته ٺٽو يوٿ ايڪشن ڪميٽي جي سرواڻ فهد ڪرناڻي ۽ ابراز درس سميت مختلف ڪميٽي جي دوستن پاران پڻ ڪيمپ ۾ رت عطئي طوي ڏنيون ويون

بقايا — سنڌيار — 12

سجاول روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا وارثن پاران انتظاميا تي الزام هڻندي چيو ته انتظاميا پاران نوجوان جي لاش جي ڳولا لاءِ اسان سان ڪو به تعاون نه پيو ڪيو وڃي جڏهن ته مقامي ٽوين پاران وڏي جدوجهد ڪانپوءِ نوجوان تنوير سرواڻ جو لاش برانچ موري مان ڪڍي وارثن حوالي ڪري ڇڏيو نوجوان جي جنازا نماز شاهجهان مسجد ۾ ادا ڪرڻ ڪانپوءِ سندس لاش کي سندن اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو

بقايا — سنڌيار — 13

جلال ملاح، مجيب الرحمان، افضل ملاح، رياض احمد ڊاپر ۽ ٻين ملازمن جو چوڻ هو اسان سنڌ جي مختلف ضلعن سان تعلق رکندڙ 650 ڪانٽريڪٽي ننڍا ملازم گزريل 17 سالن کان ڪم ڪري رهيا آهيون پر هن وقت تائين نه ئي پڪو ڪيو ويو آهي ۽ پگهارون وقت سر نه ڏنيون وڃن ٿيون. گذريل ٽن مهينن کان پگهار نه ملڻ سبب گهرن ۾ فاقه ڪشي واري صورتحال آهي گهرن جي مسواڙ ادا نه ڪرڻ جي ڪري گهر کان بي گهر ٿي ويا آهيون جڏهن ته ڊي جي ۽ سيڪريٽري سميت ٻين بالا آفيسرن من پسند ماڻهون ڀرتي ڪري انهن کي ريگولر به ڪيو آهي پر اسان سترهن سالن کان ڪم ڪندڙ ملازمن کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي هنن نگران وزير وڏي وزير سميت لاڳاپيل اختيارن کان نوٽيس وٺي پڪو ڪرائي پگهارون ڏيارڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 14

۽ پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ سان گڏ سورج مکي جي ٻوڪي وقت ٻج مارڪيٽ مان غائب ڪري بليڪ ورڪو ڪرڻ جهڙن اهم مسئلن سبب زميندارن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن کان آگاهي ڏني ڊپٽي ڪمشنر بدين جي پنجن ئي تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن کي پابند ڪندي چيو ڪٽوتي ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ڪندڙن خلاف قدم کڻي زميندارن هارين کي ريليف ڏنو وڃي ۽ هو هر هفتي بدين جي زميندارن ۽ واپارين سان ميٽنگ ڪن ۽ اهڙي رپورٽ مون کي پڻ اماڻي وڃي

بقايا — سنڌيار — 15

تعليم کاتي پاران برطرف ڪري منهنجو پگهار بند ڪري ڇڏيو هو جنهن تي مون هائيڪورٽ حيدرآباد سرڪٽ بينچ ۾ اپيل داخل ڪرائي هئي جنهن ڪانپوءِ ڪورٽ سگهوري پاران بحالي وارو آرڊر جاري ڪندي تعليم کاتي واري سيڪريٽري اڪبر لغاري کي لکت ۾ حڪم جاري ڪيو سيڪريٽري تعليم پاران ڪورٽ سگهوري جي ڪيل حڪمنامي کي نظرانداز ڪندي مون غريب مسڪين کي گزريل ٻن سالن کان آسري ۾ رکيو ويو آهي پگهار بند هئڻ ڪري آئون بيروزگاري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيان منهنجا ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهن هن چيف جسٽس سنڌ هائيڪورٽ، نگران وزيراعلي سنڌ، سيڪريٽري ايجوڪيشن سميت اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته نوڪري تي بحال ڪري بند پيل پگهارون ڏياري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 16

مستقبل ۾ رونما نه ٿين. سکر پريس ڪلب ۾ ڊاڪٽر عائشه ڌاريجو سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي نيلوفر بختيار وڌيڪ چيو ته معصوم نيائين سان ٿيندڙ زيادتين کي روڪڻ جا ۾ موثر طريقا آهن. هڪ ته جوابدارن جي ضمانت نه ٿئي ۽ ڪيس ڪنهن حد تائين پهچي وڃي. انصاف جي تقاضائن کي پورو ڪيو وڃي، ٻيو ته معياري تعليم هر علائقي ۾ عام ٿيڻ گهرجي، اسان ڳوٺ فاطمه ڦورو جو دورو ڪيو جتي اسڪول ۾ بنيادي سهولتون نه آهن. ٻين صوبن جي مقابلي ۾ سنڌ ۾ بنيادي ڍانچي ۽ تعليم جو نظام بهتر آهي. سنڌ غريب آهي، اهو ڪيئن ممڪن آهي، نيلوفر بختيار چيو ته پوليس جي ڪارڪردگي اها آهي جو هن وقت تائين جوابدارن جي ليپ ٽاپ ڪي ڊي ڪوڊ نه ڪيو ويو آهي ۽ پوليس اهلڪار پاڻ ٿي جوابدارن کي موبائل فون جي سهولت فراهم ڪري رهيا آهن. افسوس جوڳو آهي، اسان فاطمه ڦورو جي خاندان کي هر قيمت تي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪنداسين.

بقايا — سنڌيار — 17

جي سينيئر نائب صدر عبدالمنان چانڊيو جي ڀاءُ عبدالجبار چانڊيو جي نامعلوم چورن تو فائيو موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا موٽرسائيڪل چوري واقعي جو سڄل ٿاڻي جي ون فائيو پوليس کي اطلاع ڏنو ويو مگر اطلاع باوجود پوليس نه پهتي ان سلسلي ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي اڳواڻ عبدالمنان چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته شاهنواز شر ڳوٺ ۾ اي ڊي سولنگي ۽ حفيظ بليدي سڄل ٿاڻي جي پوليس جي ملي ڀڳت سان انهن کي رشوت ڏيڻ سبب غيرقانوني طور تي بڇت بازار لڳائي وئي آهي جتي موٽرسائيڪلن سميت ٻين چورين جا واقعا اڪثر طور تي ٿيندا رهن ٿا مگر پوليس کو به قدم کڻڻ جي لاءِ تيار نه آهي جڏهن ته لڳندڙ بڇت بازار ۾ سيڪيورٽي جا به ڪي انتظام نه آهن هن ڊي آءِ ايسٽ اظفر حسين مهيسر ۽ ايس ايس پي عرفان بهادر کان گهر ڪئي آهي ته چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڏياري غيرقانوني لڳندڙ بڇت بازار بند ڪرائي ذميوارن خلاف قدم کنيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 18

پيو وڃي. ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم اڄ الله والا چوڪ تي سستي آٽي جي اسٽال جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ضلعي جي ٻين شهرن ۾ به سستي آٽي جا اسٽال لڳايا وڃن ته جيئن مهانگائي جي هن دور ۾ شهرين کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 19

ڪوٽ جي ماروي ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ۾ هڪ رات جو نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ مرحوم حاڪم بجير جي ياد ۾ رکرايو ويو جنهن ۾ تعلقي اسلام ڪوٽ جي 12 ٽيمن حصوورتو فائينل ميچ بلوچ اليون ۽ ڪاڪنهيار اليون جي وچ ۾ کيڏيو ويو ڪاڪنهيار اليون پهرين بيٽنگ ڪندي 4 اورن ۾ 83 رنس جو ٽارگيٽ ڏنو جواب بلوچ اليون جي ٽيم 48 رنس ناهي سگهي ڪاڪنهيار اليون فائينل پنهنجي نالي ڪيو هي ٽورنامينٽ ٽائيگر اليون جي طرفان آرگنائيزر ڪرايو ويو هن ٽورنامينٽ جا خاص مهمان ٽائون چيئرمين ڪمليش ڪمار پروفيسر نور احمد جنجهي ڊاڪٽر ستار لنجو صحافي سڪندر علي بجير اسماعيل بجير مبارڪ بجير سبحان بجير ملوڪ بجير برڪت بجير لياقت بجير هئا جڏهن ته يار محمد راهمون چنيسر پيل ۽ اسلم ڪنير ڪميٽي ڪئي ان موقعي تي اسٽيڊيم ۾ وڏي تعداد ۾ شائقين ڪرڪيٽ شرڪت ڪئي ۽ فاتح ٽيم کي آرگنائيزر ٽيم جي پاران ٽرافيون ڏنيون ويون

بقايا — سنڌيار — 20

ڪري زخمي ڪري ڪين يرغمال بڻائي مبينا 3 لک ڏهه هزار روپيا رقم ۽ ٽيج فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. اطلاع بعد پوليس دير پهتي زخمين حاجي قربان سولنگي، رمضان، مرتضيٰ، راشد، مسمات صفوران،سهڻي سولنگي سول اسپتال داخل زير علاج زخمين ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جا مائٽ موندر جا رهواسي ياسين سولنگي، حنيف، رفيق، اسماعيل، وسيم، ڦوٽو ياسين سولنگي ۽ ٻين ڌارين هٿيارن ڪري گهرتي ڪاهه ڪري فائرنگ ڪري رمضان کي ٽنگ ۾ گولي هڻي عورتن کي يرغمال ڪري هٿيار جي زور تي موبائيل فون، پيسا ڦر ڪيا، حملي آور ۽ ڦر ڪندڙ ڌوهاري قسم جا ماڻهو آهن جن کان اسان کي تحفظ ڏياريو وڃي اهڙو فرياد ٿاڻي تي داخل ڪيو پر پوليس ڪابه گرفتاري ناهي ڪئي، ڪين گرفتار ڪري مٿن ايف آئي آر داخل ڪئي وڃي نه ته سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا — سنڌيار — 21

ڪمشنر ميرپور ماٿيلو ذيشان حيدر شيخ، تفصيل موجب، خدمت خلق جي جذبي سان سرشار اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو ذيشان حيدر شيخ شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ ميدان تي اچي ويو شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪرڻ بعد ڊي او گهوٽڪي ، ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۽ گهوٽڪي ضلعي جي بهترين سينٽر پي ايڇ آئي جو دورو ڪيو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو ذيشان حيدر شيخ ليبارٽري ، اوٽي ، اسٽور روم ، وارڊز الٽرا سائونڊ اي اين سي روم ڊسپينسري جو پڻ دورو ڪيو ان سلسلي ۾ پي پي ايڇ آئي جي ايڊمنسٽريٽر آصف علي ڪلوڙ جي ڪيل بهترين انتظامن جي حوالي سان اسسٽنٽ ڪمشنر ذيشان حيدر شيخ جو چوڻ هو ته پي پي ايڇ آئي سينٽر جي ايڊمنسٽريٽر آصف علي ڪلوڙ پاران مهيا ڪيل ڪوشش انتظامن صفائي سٿرائي ۽ ڪارڪردگي ۽ عوامي خدمت ڏسي دل خوش ٿي وئي آهي سيني اسپتالن جي انتظاميا کي اهڙا بهترين انتظام ڪرڻ گهرجن جيئن عام ماڻهون فائدو حاصل ڪري سگهن. اسسٽنٽ ڪمشنر جو وڌيڪ چوڻ هو ته شهر جي مسئلن کي گڏجي ڪري حل ڪرڻ جو پونڊو شهرين جا مسئلا سائل حل ڪرڻ منهنجي اولين ترجيحات ۾ شامل آهن شهر جي مسئلن جي حوالي سان ڪنهن به ڪا شڪايت هجي ته مونسان رابطو ڪري نشاندهي ڪن انهن جا مسئلا حل ڪيا ويندا ٻي پاسي ان موقعي تي پي پي ايڇ آئي سينٽر ميرپور ماٿيلو جي ايڊمنسٽريٽر آصف علي ڪلوڙ چوڻ هو ته اسان اسسٽنٽ ڪمشنر جا انتهائي مشڪور آهيون جنهن پي پي ايڇ آئي جو دورو ڪري اسان جي ڪيل عوامي خدمتن کي ساراهيو هن جو چوڻ هو ته اسان جو عزم ئي انسان ذات جي خدمت ڪرڻ آهي جيڪو سلسلو جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 22

رتوديرو منير احمد جلباڻي ،وائيس چيئرمين رتوديرو نديم اختر سومرو ڳوٺ خانواهه زخمي نوجوانن جي وارثن وٽ تڏي تي پهچي پنهنجي پاران ميڙ منٽ قافلو ڪري پهتا، جنهن ۾ جروار برادري جي معزز حافظ جميل احمد جروار پ پ ڪائونسلر طالب حسين جروار زاهد حسين جروار تڏي آيل ميڙ ۾ سردار ۽ چڱن کي عزت ڏني جنهن بعد سردارزاده صوبدار خان جلباڻي چيو ته سڀ پاڻ ۽ پاڙيسري آهيون هن وقت جروار برادري سان تمام وڏي ناجائزي ٿي آهي بيگناهه نوجوانن مٿان اهڙي قسم جو حملو هڪ کليل دهشتگردي ۽ حساس ادارن ۽ رياست کي چيلنج ڪرڻ آهي جنهن جي اسين مذمت ٿا ڪريون اڳين ڌر جوابدار کي پنهنجي شهر رتوديرو ۾ اهڙو عمل نه ڪرڻ کپي ها اسان وچ وارا پنهنجي شهر جو امن خراب ڪرڻ نه ڏينداسين سردارزاده صوبدار خان وڌيڪ چيو ته اسان سڀ پاڙيسري امن پسند قوم آهيون جهيڙو ڪرڻ سان وڌيڪ نقصان ۽ پويان نسل تباهه ٿيندا جنهن ڪري جروار برادري کي اپيل ڪندي چيو ته ڪنهن چڱي جي چوند ڪري ڳالهيون ڪريو اهڙي موقف بعد جروار برادري جي معزز حافظ جميل احمد جروار، پ پ ڪائونسلر طالب حسين جروار ،ماما رمضان جروار پاران آيل ميڙ ۾ معززين کي عزت بخشيندي جواب ڏنو ته سڀ ڳالهيون ڀليون آهن اسان جا ڪجهه نوجوان سخت زخمي آهن 3 ڏينهن جي مهلت ڏيو اسين پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري سٺو جواب ڏينداسين جنهن بعد دعاءِ خير گهري وئي ،ان موقعي تي پ پ يونين ڪائونسل پير بخش پتو جو صدر طالب حسين جروار، نواب خان جروار، غلام محمد جروار ڪا مريد عبدالوحيد جروار، غلام محمد جروار، وسيم جروار ،شاهد حسين جروار، نذير جروار، آصف علي جروار ،روشن جروار سميت سوين ماڻهو ۽ پيا موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 23

عباس پنهور،محمد عمران ملڪ،اقبال چارڻ،عبدالحفيظ آخوند، عبد ڪوڪر، عبدالخالق شيخ، غلام مصطفيٰ سولنگي ۽ ٻين ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو جي مقرري تي ڪيس پليڪار چيو ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ضلعي دادو جي انتظامي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ڊپٽي ڪمشنر چيمبر آف ڪامرس جي سرگرمين بابت بريفنگ ورتي ۽ واپارين جي انتظاميا سان سهڪار بابت ويچار ونڊيا ۽ چيمبر آف ڪامرس جي مختلف پهلوئن تي هر مهيني ملاقاتن کي يقيني بڻائڻ تي زور ڀريو ۽ وڌيڪ چيو ته روزمره جي عام واهپي وارين شين جي قيمتن کي ضابطي هيٺ آڻڻ لاءِ واپار ۾ ذخيرا اندوزي، بليڪ مارڪيٽنگ ۽ مڊل مين جي ڪردار کي ختم ڪرڻ تي زور ڀريو ته جيئن غريب عوام کي لاڀ ملي،چيمبر آف ڪامرس ۽ ضلعي انتظاميا وچ ۾ هڪ لائزون ڪميٽي پڻ جوڙڻ تي اتفاق ڪيو ويو ته جيئن واپارين کي درپيش مسئلا فوري طور حل ٿي سگهن.

بقايا — سنڌيار — 24

ن ٿيڻ ۽ سم جي ڪوٽائي جا پئسا بااثر ٺيڪيدار پاران ڪڍي هڙپ ڪرڻ ۽ سم جي پلٽڻ سان پرياسي جا ڳوٺ ٻڏڻ خلاف هڪ سو کان وڌيڪ ڳوٺائن مبارڪ جمالي، عبدالڪريم جمالي، محمد علي جمالي، دلاور انڙ، چاچڙ، ٻجاپولغاري، محمد صالح انڙ، عالم انڙ، هريش ڪمار ميگهواڙ، صديق ڪيريو مصري لنڊ جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوباگو وايا خيرپور گنبو واري مڪ روڊ تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي ڳوٺ پرسان نڪرندڙ سم نالي ايل 17 جي ڪاٽي ن ٿيڻ ۽ سم جي پلٽڻ ڪري ڪيترائي ڳوٺ جن ۾ ڳوٺ محمد انڙ،صديق ڪيريو مصري لنڊ سميت ڪيترائي ڳوٺ برساتي پاڻي جي هيٺ اچي ويا آهن. سم نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ ڪري پاڻي ڳوٺن ۽ فصلن ۾ داخل ٿي ويو آهي، جيئن ڪري سوين ايڪڙ فصل پڻ سڙي خراب ٿي ويا آهن، ڳوٺائن موجب سم نالي جي ڪوٽائي جو تازو ٺيڪو پڻ ٿيو پر پئسا ٺيڪيدار ڪيائي ويو پر سم نالي جي ڪاٽي نه ٿي سگهي، فورن ڪاٽي ڪرائي سم جي ڪاٽي جا پئسا هڙپ ڪندڙ ٺيڪيدار خلاف قدم کنيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 25

وڳڻ کي گلن جا هار ۽ ٻيا تحفا ڏئي عزت بخشي ۽ چيو ته عبدالخالق وڳڻ جون دادو لاءِ ڪيل خدمتون وساري نٿيون سگهجن جن کي هميشه ياد ڪيو ويندو.ڊي ايس پي سٽي عبدالخالق وڳڻ چيو ته ٽي سال دادو ۾ رهي ڊيوٽي جا فرائض انجام ڏنا ميڊيا جي نشاندهي تي بهتر ڪاروايون ڪيون هن وڌيڪ چيو ته آءُ دادو جي شهرين سياسي، سماجي اڳواڻن دوڪاندارن، ۽ خاص ڪري غريب مسڪين معذورن جو ڏنل پيار وساري نه ٿو سگهان. جڏهن ته بدلي ٿيل ڊي ايس پي سٽي عبدالخالق وڳڻ پاران چارج ڇڏي نئين مقرر ٿيل ڊي ايس پي سٽي دادو محمد پريل مورير حوالي ڪري ڇڏي.

بقايا — سنڌيار — 26

ٿي ويا آهن. جڏهن ته وڏي تاريخ جي بازار ۾ کجور منڊي جي بازار جا واپاري مزدور عورت ۽ مرد مزدورن کان گهٽ اجرت تي مزدوري ڪرائڻ ۾ مصروف آهن ۽ جڏهن ان خلاف آواز اٿارندا آهن ته مزدورن جي اجرت کي دٻائي ڇڏيندا آهن. اهڙا ڳالهه آفيسرن جي ڪنن تائين به نٿي پهچي ۽ ان جي آڌار تي شڪايتن تي ليبر آفيسرن جا دڪان کوليا ويا آهن ۽ هاڻي سکر ۾ ليبر آفيسرن به سکر ۾ دڪانن کان لائسنس جي نالي تي ماهوار في وصولي جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي. جنهن تي سياسي، سماجي ۽ عوامي حلقن سخت گهٽتي جو اظهار ڪيو آهي. ليبر کاتي جي ڪارڪردگي ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ان طرف ڌيان ڏنو وڃي، ٻئي طرف ڊپٽي ڊائريڪٽر ليبر جو چوڻ آهي ته ان حوالي سان ڪا به شڪايت نه ملي آهي، جيڪڏهن پگهارن بابت ڪا به شڪايت آهي ته ڪين پيش ڪري سگهجي ٿو.

بقايا — سنڌيار — 27

بند ڪرڻ جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي برساتي نالا برساتن دوران وڏي نقصان جو ڪارڻ بڻجي سگهن ٿا، صحافين پاران درگاهه حضرت امير شاهه جيلاني جي چوديواري کي پهتل نقصان جو جائزو ورتو ويو، جتي مختلف علائقن کان آيل ڪيترن ئي زائرين درگاهه جي چوديواري کي ڪمپني انتظاميه پاران ڊاهي پٽ ڪرڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته هي درگاهه قديمي آهي، جنهن جي خدمتگار غلام قادر جوکيو پاران هزارن وڙان ڪري درگاهه کي چوديواري ڏياري درگاهه سميت درگاهه تي ايندڙ زائرين کي محفوظ بڻايو آهي، جنهن جي چوديواري کي ڪمپني جي انتظاميه بلاجواز ڊاهي پٽ ڪري وڏو نقصان پهچائڻ سميت درگاهه جي خدمتگارن ۽ زائرين جي دل آزاري ڪري ڪمپني انتظاميه پاران درگاهه پرسان زمين حاصل ڪري برساتي نالن کي بند ڪرڻ لاءِ وڏا بند ٻڌي ڇڏيا آهن. جيڪي برساتون پوڻ دوران وڏي نقصان جو ڪارڻ بڻجڻ سان گڏ مقامي رهواسين جا رستا ۽ لنڪ بند ٿيڻ ڪري ڪين پنهنجي ڳوٺن تائين پهچڻ ۾ ڪافي مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. پر ضلعي انتظاميه هن طرف ڪو به ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. درگاهه تي ايندڙ زائرين وس وارن کان گهر ڪئي فورن درگاهه جي ڏٺل چوديواري ڏياري درگاهه کي محفوظ بنائي درگاهه جي چوديواري سان گڏ ڇڏيل مٽي هٽائي درگاهه جي تقدس کي بحال رکيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 28

جو سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي، قتل، ڦرلٽ، بدامني، چوري، ڦرلٽ جا واقعا معمول بڻجي ويا آهن. نه ماڻهو محفوظ آهن ۽ نه ئي ماڻهن جي جان و مال محفوظ آهي، جيڪڏهن سنڌ ۾ مستقل امن قائم ڪرائڻو آهي ته سڀ کان پهريان قبائلي جهيڙن کي ختم ڪرڻ ضروري آهي ٻي صورت ۾ گرينڊ آپريشن ڪارگر ثابت نه ٿيندو سنڌ ۾ پ پ جي 15 سالن جي دور حڪومت ۾ ميگا ڪرپشن ٿي، جنهن سبب سنڌ جو عوام اٽو خريد ڪرڻ لاءِ پريشان آهي، جڏهن ته خوراڪ کاتي ۾ 77 ارب جي ڪرپشن ٿي. ته پوءِ اٽو سستو ڪيئن ٿيندو، ان ڪري جمعيت علماء اسلام (ف) پاران 12 آڪٽوبر کان سنڌ جي مختلف شهرن مان امن مارچ ڪيو ويندو، جيڪو ڪراچي پهچندي ختم ٿيندو سکر جي مدرسي منزل گاهه ۾ جي يو آءِ ضلعي جنرل سيڪريٽري مولانا محمد صالح انڍڙ مفتي سعود افضل هاليجوي، حافظ عبدالحميد مهر سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي علامه راشد محمود سومرو سکر جي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قتل تي افسوس جو اظهار ڪندي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته قاتلن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ڪين عبرتناڪ سزا ڏني وڃي علامه راشد محمود سومرو وڌيڪ چيو ته قبائلي جهيڙن جو بنيادي سبب انصاف ۾ دير ٿيڻ آهي. گذريل 10 سالن کان شهيد اسلام علامه ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جي قتل ڪيس ۾ عدالتن پاران انصاف جي فراهمي جي سلسلي ۾ هو عدالتن ۾ انصاف جي گهر ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن عدالتون بروقت انصاف جي فراهمي کي يقيني بڻائين ته قبائلي دهشتگردي جو خاتمو ٿي سگهي ٿو. سنڌ ۾ امن امان قائم ٿي سگهي ٿو جميعت علماء اسلام مڪاني چونڊن يا عام چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺندي ۽ ٻين پارٽين سان مشاورت ڪندي، هن چيو ته جميعت علماء اسلام ف جو امن مارچ سنڌ ۾ حڪومت جي ناقص ڪارڪردگيءَ خلاف آهي ۽ انشاء الله هي مارچ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو. ان موقعي تي قاري لياقت مغل مفتي اعظم مهر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 29

وجي اين ڪوسو ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ امداد علي لغاري جي صدارت هيٺ ٿي گذريو ان موقع تي شهرين ۽ سياسي اڳواڻن پهريان گڏيل صلاح مشورا ڏنا بعد ۾ جوهي جي مسئلن تي ڳالهائيندي سرائي اڪبر پنهور، ڪامريڊ غلام قادر لغاري، خادم باهوٽو عاشق وسيم سومرو، غلام رسول لغاري، غلام مصطفيٰ لاشاري، پي ٽي آءِ ڪائونسلر ساوڻ خان ٻهڻ، ايڊووڪيٽ محمد اعظم خاصخيلي، روشن علي باهوٽو شاعر لياقت علي لياقت لنڊ، گلشير رند عوامي پورهيت تحريڪ جي مرڪزي صدر جي اين ڪوسو، پي ٽي آءِ اڳواڻ رئيس امداد خان لغاري پنهنجي گڏيل خطاب ۾ چيو ته 15 سال اڳ جوهي خوشحال هئي زرعي پاڻي بند هئڻ بعد تباهه ٿي وير آهي ميونسپل ڪاميٽي جوهي ۾ ضرورت 50 ماڻهن جي آهي مگر اتي چار سئو کان مٿي سمورا پوتار ۽ انهن جو اولاد سياسي ڀرتي ٿيل آهي فنڊن تي زرداري ٽولي جي حمايتي چيئرمين پ پ جي با اثر ماڻهن جو قبضو آهي هن چيو ته ٻوڏ دوران هزارين گهر ڊهي پٽ پئجي ويا انهن جي تعميرات لاءِ عالمي امداد ملي مگران مان حڪومتي ڌرڪي جي سهولتڪارن کي پئسا ملي رهيا آهن مسڪينن کي ڪجهه به ناهي مليو هنن چيو ته جوهي بئراج تي پ پ جي اڳوڻن نمائندن ايم اين اي رفيق احمد جمالي ۽ انهن جي پائٽن سئوٽن پائرن جو قبضو آهي جوهي تعلقي اندر مسلسل آبادي نٿيڻ جي نتيجي ۾ سڄو تعلقو برباد معاشي طور تي ڪنگال بڻجي ويو آهي جڏهن ته پوتارن وٽ زرعي ۽ پيئڻ جو پاڻي قيد هئڻ ڪري جوهي جا مسئلا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن هنن چيو ته جوهي واسين جو دشمن ساڳيو آهي جوهي ميونسپل ڪاميٽي جو چيئرمين علڻ خان لغاري ۽ انهن جي ٽيم ڪرپٽ آهي جوهي ۾ فنڊ به وڏيا آهن مگر شهر اونداهه ۽ گندگي جي ورچڙهيل آهي واٽر سپلاءِ پاڻي بند آهي اسان کي پنهنجي شهرن جي پاڻ مالڪي ڪرڻي پوندي هنن چيو ته پ پ جي ڪرپشن خلاف جوهي ۾ گڏيل مرد عورتن جي مضبوط سگهاري تحريڪ هلائڻ جي ضرورت آهي پوتارن جو اثر تڏهن ختم ٿيندو جوهي ۾ پيئڻ جو پاڻي ۽ زرعي پاڻي وڏو مسئلو بڻجي شهرين جي ڳچي ۾ پئجي ويو آهي جڏهن ته جوهي سڄو مسئلستان بڻيل آهي آرام سان پوتارن ادارن کي ڪسي ڪري ڇڏيو آهي هاڻ جوهي جي عوام کي تبديلي کان سواءِ ٻيو ڪوب رستو ناهي بچيو عوامي جدوجهد ۽ تاريخ جي مطالعي جي سخت ضرورت آهي هنن چيو ته زرعي پاڻي جوهي جو گر آهي جوهي ڪاٽن بيلٽ هيو جيڪو منڊ تي ساريالو بيلٽ ٿي ويو آهي پاڻي چورن جو بئراج تي قبضو آهي پ پ جي هئي مخالفت ديرو برابر آهي پ پ جا مخالف رڳو اليڪشن وقت ظاهر ٿين ٿا انهي ڪري ڪامياب نٿا ٿي سگهن ، ميونسپل ڪاميٽي ۾ اهي هٿرادو ڪائونسلر آيا آهن جيڪي ڪرپشن جا ماهر آهن هنن وڌيڪ چيو ته جوهي مسئلن جو گهر بڻجي ويو آهي جوهي جي صحافين کي دٻائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي ٿي وڃي پاڻي ۽ آبادي نٿيڻ ڪري جوهي ۾ بد امني چوٽ چڙهيل آهي سمورن مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ جوهي جي عوام هر قرباني لاءِ تيار رهي جوهي جو هر ادارو رشوت جو گڙهه بڻجي ويو آهي زرعي پاڻي تي مانگر مڇن جو قبضو آهي عوام کي گهرجي ته ان پوتارن مان جان ڇڏائڻ لاءِ گڏيل طاقت جو مظاهرو ڪن ايندڙ اليڪشن پ پ ۽ ان جي پوتارن وڏيرن سهولتڪارن جي احتساب جو وقت آهي ووٽ ڏيڻ جي تبديلي هوندي ۽ احتسابي عمل هوندو هنن چيو ته ڪاڇي ۽ جوهي جي عوام اسان سان گڏ آهي پ پ جي پندرنهن سالن کان مخالفت ۾ آهيون پ پ جا جيڪي سربراهه آهن انهن ڪڏهن ڪٿيو ناهي سدائين سرڪاري مشينري جو استعمال ڪندي ڪامياب ٿيا آهن هر دور دادو جو ڊي سي ڪٽي به نظر نٿو اچي رڳو آفيس تائين محدود آهي جيئن پاڻي چور پوتار گڏ آهن انهن کي شڪست ڏيڻ لاءِ اسان کي به گڏ ٿيڻو پوندو پاڻي چور ۽ آبپاشي عملو پ پ جي ڪمدار ي پيوڪري هنن چيو ته اسان جوهي جي عوام کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان جي سڏ ۾ سڏ ڏئي مرد عورتون ٻيا ٻار ٻاهر نڪرو گڏ ٿي جدو جهد ڪريون ظالمن خلاف نڪرنداسين ته يزيدي ٽولي کي شڪست ايندي پيئڻ جي پاڻي تي ڊي سي ڪي نوٽيس وٺڻ گهرجي ميونسپل جي مشيري ختم آهي فنڊن جي آڊٽ ٿيڻ گهرجي جوهي وارن سان ظلم آهي پاڻي لاءِ ڏکي جدو جهد جي ضرورت آهي هنن وڌيڪ چيو ته زرداري ٽولو سنڌ رڪٽي رهيو آهي ڊي سي ايس ايس پي ٺيڪي تي پيا اچن آفيسرن جي پڙي لڳي ٿي هي آفيسر وڪامندڙ ڏڳا آهن زرداري مافيه جي سرڪار سنڌ اندر ڌاڙيل کي آرگنائيز ڪيو پ پ جي ٺڪي دورن مان سنڌ جي عوام وڏو لاس ڪاڏو آهي گورک تي 23 ارب فنڊ هڙپ ٿيا آهن گورک وڏو ادارو آهي اتي وڏو روزگار ملي پئي سگهيو مگر گورک رکولا فنڊن کي ذاتي عياشين ۾ ،استعمال پيا ڪن جنهن ڪري گورک تي سياهن لاءِ ڪاب سهولت ناهي سنڌ جي ڌرتي ظالمن لٽيرن لاءِ هاڻي وقت آهي ته پنهنجن ماڳن جي پاڻ حفاظت ڪن نه ته ڌاريا قابض ٿي ويندا ۽ اسان اصل سنڌ مالڪ اقليت جي چڪي ۾ پيڙهجي ويندا آهن پ پ ۽ انهن جي ڊبل واري حڪومت مان سنڌي ماڻهن ٽڪي جو به فائدو ڪون ملندو جوهي ۾ ڏينهون ڏينهن جدوجهد وڌي پئي عوامي پورهيت تحريڪ جوهي جي مسئلن جي حل تائين هر هڪ سان گڏ آهي جوهي جي عوام کي پاڻ مالڪي ڪرڻي پوندي اگر ٻن هفتن اندر نوٽيس ونلي زرعي ۽ پيئڻ جو پاڻي فراهم نه ڪيو ته چنڊڻ موري کان هزارين عورتن مردن ٻچن ٻارن جو پيادل احتجاجي لانگ ڪري جوهي دادو مين روڊ تي ڌرڻو هڻي مرڻ گهڙي تائين بڪ هڙتال جاري رکنداسين جوهي ۽ سنڌ جي مستقبل لاءِ ليڊ جي ضرورت آهي آخر ۾ گڏيل فيصلا ڪيا ويا ته زرعي ۽ پيئڻ جي پاڻي سميت سمورن مسئلن جي حل لاءِ احتجاج سان گڏ ملوث ادارن جي ڪرپٽ زميوارن خلاف ڌار ڌار سنڌ هاءِ ڪورٽ پٽيشنون داخل ڪيون وينديون

بقايا — سنڌيار — 30

۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ايڊيشنل فنانس سيڪريٽري غلام علي سومرو، ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ، ڊي آءِ جي ٽريزري اقبال احمد شيخ اسسٽنٽ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ آغا شهريار خان، ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر شڪارپور سجاد احمد شيخ، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر شڪارپور رينواز ساندائو اڪائونٽس آفيسر مظهر حسين ۽ ٻيا متعلقه عملدار پڻ موجود هئا. کليل ڪچهريءَ سان ڳالهائيندي ايڊيشنل فنانس سيڪريٽري غلام علي سومرو چيو ته فنانس ڊپارٽمينٽ جي پاران سرڪاري ملازمن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ کليل ڪچهريون منعقد ڪيون ويون آهن. هن وڌيڪ چيو ته خصوصن پينشنرن جا مسئلا آهن انهن کي جلد کان جلد حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي. ايڊيشنل فنانس سيڪريٽري چيو ته اڄ اسان هتي تقريبن چاليهن رٽائرڊ ۽ حاضر سروس ملازمن جا مسئلا ٻڌا آهن جن ۾ ايڊيوڪيشن، ايگريڪلچر، پوليس، روينيو، سوشل ويلفيئر ۽ ٻين ادارن جا ملازم شامل آهن. انهن جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون آهن کليل ڪچهريءَ ۾ رٽائرڊ ملازم چيو ته اسان جي لاءِ G.P.Fund LPR، Commutationبلن ۾ ڪافي ٽائيم لڳي وڃي ٿو انهن چيو ته اسان جي درخواست آهي ته مذڪوره بلن جي مد ۾ بجيٽ ۾ اضافو ڪيو وڃي ته جيئن وقت سر اسانجا مسئلا حل ٿي سگهن.

بقايا — سنڌيار — 31

امتياز فقير ۽ شريف فقير زرداري صوفي راڳ ڳايو. محفل ۾ ترجي معززين ۽ علائقي واسين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. محفل جا انتظام داتا ڏنو ميتلو، راجا ميتلو، اعجاز ميتلو. عبدالجبار ميتلو ۽ ٻين سنڀاليا. جڏهن ته سلطانپور ڪينٽ پوليس پاران سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا.

بقايا — سنڌيار — 32

۽ ٺٽي سنڌ ڪلچرل فورم ضلع ٺٽي طرفان ڪامريڊ خان محمد سمون ۽ صاحب ڏنو سمون جي ميزبانيءَ ۾ ڪونايل لطيفي ڪچهريءَ کي مخاطب ٿيندي ڪيون ،هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته سنڌي ٻولي،ڪلچر،اسان جون روايتون ۽ قدر زنده رهن ته پوءِ اسان کي سرڪاري پرائمري اسڪولن جي خاص طور مالڪي ڪرڻي پوندي ٻي صورت اسان پنهنجو قومي تشخص ۽ ٻوليءَ جو وجود بچائي نه سگهنداسين. تقريب کي خطاب ڪندي لطيفي فڪر جي پانڌيڙي، سگهڙ شاعر ۽ قومي ڪارڪن قلندر بخش ملاح چيو ته لطيف سائينءَ جي شاعري ۾ سنڌ جا سمورا حسناڪ رنگ ۽ سنڌ سميت مظلوم پرتن لاءِ نجات جا ڪس موجود آهن جنهن ۾ قومي جبر ،طبقاتي ڏاڍ،سماجي نااتصافيون، انسان جي داخلي ۽ خارجي احساسن کي باريڪ بينيءَ سان چٽسالي ٿيل انهن ۽ انهن براين ۽ بيمارين مان نجات جو ڏس پڻ ڏنل آهي ،ڪچهريءَ دوران سڪرنڊ کان ڪهي آيل مهمان لطيف جي فڪر جي پرچارڪ قلندر بخش ملاح کي سنڌ ڪلچرل فورم جي ساٿين ۽ ڳوٺائن ڪامريڊ خان محمد سمون، الهورايو سمون ،ڪامريڊ جمن سمون ،وڏيرو غوث بخش لاشاري ،محرم علي پنهور ،بابو سمون ،ضمير علي سولنگي،علي رضا سولنگي ۽ ٻين اجرڪ ۽ گلابن جا هار پارائي عزتون ڏنيون ،لطيفي ڪچهريءَ ۾ ٻين کان علاوه ڪامريڊ محمد خان سمون ،محرم علي پنهور ،ايس ٽي پي اڳواڻ محمد جمن سمون ،وڏيرو غوث محمد لاشاري ،نوجوان سماج سڌارڪ ضمير علي سولنگي ۽ ٻين پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته ٺٽي ضلعي ۾ تعليمي صورتحال خطرناڪ حد تائين خراب آهي جنهن لاءِ وڏي جاگرتا مهم هلائڻ جي ضرورت آهي، ٺٽي ۽ سجاول جي هزارين اسڪولن ۾ فرنيچر، اسٽاف جي کوٽ، درسي ڪتابن توڙي ٻين بنيادي سهولتن جي شديد کوٽ آهي جنهن لاءِ اسان کي ڳوٺائين ڪچهريون ڪرڻيون پونديون.

بقايا — سنڌيار — 33

محمد ابراهيم القادري هئي جڏهن ته مهمانن ۾ مولانا شهزاد قادري، مولانا نعمان حنفي، مولانا نعمان خان، مولانا ساجدالرحمان، مولانا غلام شبير ڪلوڙ، مولانا عدنان مڪيتي، مولانا حارث انصاري، مولانا حضور بخش قاري مهتاب رضا، ڊاڪٽر سعيد اعوان، مولانا افضال حسين، استاد بخاري ۽ مولانا فضل حسين شامل هئا. تقريب ۾ مدرسي حوزه جي شاگردن ۽ عاشق رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي خطاب ڪندي مفتي محمد ابراهيم قادري چيو ته حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي تعليمات تي عمل ڪري پاڪستان کي امن قائم ڪري سگهجي ٿو نبي رحمت العالمين جي ولادت باسعادت جي موقعي تي امير، غريب جو تصور ختم ٿي ويو اسان جي ڪاميابي ان جي زندگي گذارڻ ۾ آهي.

بقايا — سنڌيار — 34

ريجن حيدرآباد عبداللطيف مغل چيو سائين الهڏنو ملاح تعليم کاتي سنڌ جو انمول ڪردار آهي جنهن ڪڏهن به پئسي ڏوڪڙ جي لالچ نه ڪئي هن ايمانداري سان پنهنجي سروس جي پڄاڻي ڪئي جيڪا اسان سڀني لاءِ هڪ سهڻو مثال آهي. ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اسٽيڊا سنڌ سيد رسول بخش شاهه چيو ته سائين اي ڊي ملاح هڪ استاد ڪان وٺي هڪ بهترين آفيسر تائين پاڻ ملهايو هن چيو ته گسٽا هجي يا آفيسرس ايسوسيئيشن پر سائين هڪ متحرڪ ڪردر جيان اتي پاڻ ملهايو سندس ڊائريڪٽر آفيس ۾ مقرري دوران ڪوڙ سارا اهڙا ڏکيا ڪم هٿا جيڪي سائين جن پنهنجي هوشياري ۽ ڏاهپ خوش اسلوبي سان سرانجام ڏنا. زين العابدين لغاري صاحب ڊائريڪٽر اسٽيڊا سنڌ چيو ته گسٽا هجي يا گواز يا آفيسر جي حيثيت ۾ آئون خوشنصيب آهيان جو مونکي سائڻ سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو هن چيو هڪ ئي وقت پاليسي ، بهترين انتظام ڪاري، رولز بابت ڪيس بهترين ڄاڻ سندس خوبي آهي اهڙا سنڌ ۾ گهٽ آفيسر آهن جيڪي اهڙي قابليت رکن ٿا. تقريب کي خطاب ڪندي سائين الهڏنو ملاح چيو ته اڄ جيڪو مان اوهان مونکي ڏنو آهي ،سچ پچ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي . اڄ سڄي سنڌ مان منهنجي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ مان وارن مهمانن جو آئون انتهائي شڪرگذار آهيان مون جيڪو ڪجهه ڪيو اهو منهنجو فرض هو . اسان مان هر ماڻهو کي پنهنجو فرض ايمانداري سان نڀائڻ گهرجي . جيڪا به ذميواري ملي اها بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءُ جي نڀائڻ گهرجي عهدا اچڻا وڃڻا آهن ، مگر اصولن تي سوديبازي نه ڪرڻ گهرجي. تقريب کي استادن ڪريم بخش پنهور سڪندر علي ملاح الهڏنو سمون محمد صديق سومرو، آپا اصما پٽي آپا قرت العين ميمڻ آپا صباحت ميمڻ سايين اڪرم شاهه ، اي جي ساند نصير ميمڻ الطاف ميمڻ غلام سرور انور پارابي محمد يونس، نياز احمد ميمڻ ٽي او پرائمري گولاڙچي، شفيع نوناري ،نور محمد کتري ،اعجاز هڱورجو محمد محسن مخدوم ، بابو لغاري پروگرام ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ ڊي او بدين بدين الهڏنو ملاح جي زندگي ۽ خدمتن تي ناهيل ڊاڪيومينٽري ڏيکاري وئي. تقريب ۾ نالي وارن فنڪارن نارائڻ داس ، بالاچ حيدري ، نذير حيدري ،پرويز جوڻيجو ۽ ٻين سرن جي ورکا ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا . بدين سميت سنڌ جي مختلف شهرن مان ايل استادن ، آفيسرن، ڪيس سون جي تعداد ۾ اجرڪن جا تحفا ڏئي پيٽا ڏني .ريجن حيدرآباد عبداللطيف مغل چيو سائين الهڏنو ملاح تعليم کاتي سنڌ جو انمول ڪردار آهي جنهن ڪڏهن به پئسي ڏوڪڙ جي لالچ نه ڪئي هن ايمانداري سان پنهنجي سروس جي پڄاڻي ڪئي جيڪا اسان سڀني لاءِ هڪ سهڻو مثال آهي. ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اسٽيڊا سنڌ سيد رسول بخش شاهه چيو ته سائين اي ڊي ملاح هڪ استاد ڪان وٺي هڪ بهترين آفيسر تائين پاڻ ملهايو هن چيو ته گسٽا هجي يا آفيسرس ايسوسيئيشن پر سائين هڪ متحرڪ ڪردر جيان اتي پاڻ ملهايو سندس ڊائريڪٽر آفيس ۾ مقرري دوران ڪوڙ سارا اهڙا ڏکيا ڪم هٿا جيڪي سائين جن پنهنجي هوشياري ۽ ڏاهپ خوش اسلوبي سان سرانجام ڏنا. زين العابدين لغاري صاحب ڊائريڪٽر اسٽيڊا سنڌ چيو ته گسٽا هجي يا گواز يا آفيسر جي حيثيت ۾ آئون خوشنصيب آهيان جو مونکي سائڻ سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو هن چيو هڪ ئي وقت پاليسي ، بهترين انتظام ڪاري، رولز بابت ڪيس بهترين ڄاڻ سندس خوبي آهي اهڙا سنڌ ۾ گهٽ آفيسر آهن جيڪي اهڙي قابليت رکن ٿا. تقريب کي خطاب ڪندي سائين الهڏنو ملاح چيو ته اڄ جيڪو مان اوهان مونکي ڏنو آهي ،سچ پچ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي . اڄ سڄي سنڌ مان منهنجي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ مان وارن مهمانن جو آئون انتهائي شڪرگذار آهيان مون جيڪو ڪجهه ڪيو اهو منهنجو فرض هو . اسان مان هر ماڻهو کي پنهنجو فرض ايمانداري سان نڀائڻ گهرجي . جيڪا به ذميواري ملي اها بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءُ جي نڀائڻ گهرجي عهدا اچڻا وڃڻا آهن ، مگر اصولن تي سوديبازي نه ڪرڻ گهرجي. تقريب کي استادن ڪريم بخش پنهور سڪندر علي ملاح الهڏنو سمون محمد صديق سومرو، آپا اصما پٽي آپا قرت العين ميمڻ آپا صباحت ميمڻ سايين اڪرم شاهه ، اي جي ساند نصير ميمڻ الطاف ميمڻ غلام سرور انور پارابي محمد يونس، نياز احمد ميمڻ ٽي او پرائمري گولاڙچي، شفيع نوناري ،نور محمد کتري ،اعجاز هڱورجو محمد محسن مخدوم ، بابو لغاري پروگرام ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ ڊي او بدين بدين الهڏنو ملاح جي زندگي ۽

خدمتن تي ناهيل ڊاڪيومينٽري ڏيکاري وئي. تقريب ۾ نالي وارن فنڪارن نارائڻ داس ، بالاچ حيدري ، نذير حيدري ،پرويز جوڻيجو ۽ ٻين سرن جي ورکا ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا . بدين سميت سنڌ جي مختلف شهرن مان ايل استادن ، آفيسرن، ڪيس سون جي تعداد ۾ اجرڪن جا تحفا ڏئي پيٽا ڏني .ريجن حيدرآباد عبداللطيف مغل چيو سائين الهڏنو ملاح تعليم کاتي سنڌ جو انمول ڪردار آهي جنهن ڪڏهن به پئسي ڏوڪڙ جي لالچ نه ڪئي هن ايمانداري سان پنهنجي سروس جي پڄاڻي ڪئي جيڪا اسان سڀني لاءِ هڪ سهڻو مثال آهي. ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اسٽيڊا سنڌ سيد رسول بخش شاهه چيو ته سائين اي ڊي ملاح هڪ استاد ڪان وٺي هڪ بهترين آفيسر تائين پاڻ ملهايو هن چيو ته گسٽا هجي يا آفيسرس ايسوسيئيشن پر سائين هڪ متحرڪ ڪردر جيان اتي پاڻ ملهايو سندس ڊائريڪٽر آفيس ۾ مقرري دوران ڪوڙ سارا اهڙا ڏکيا ڪم هٿا جيڪي سائين جن پنهنجي هوشياري ۽ ڏاهپ خوش اسلوبي سان سرانجام ڏنا. زين العابدين لغاري صاحب ڊائريڪٽر اسٽيڊا سنڌ چيو ته گسٽا هجي يا گواز يا آفيسر جي حيثيت ۾ آئون خوشنصيب آهيان جو مونکي سائڻ سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو هن چيو هڪ ئي وقت پاليسي ، بهترين انتظام ڪاري، رولز بابت ڪيس بهترين ڄاڻ سندس خوبي آهي اهڙا سنڌ ۾ گهٽ آفيسر آهن جيڪي اهڙي قابليت رکن ٿا. تقريب کي خطاب ڪندي سائين الهڏنو ملاح چيو ته اڄ جيڪو مان اوهان مونکي ڏنو آهي ،سچ پچ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي . اڄ سڄي سنڌ مان منهنجي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ مان وارن مهمانن جو آئون انتهائي شڪرگذار آهيان مون جيڪو ڪجهه ڪيو اهو منهنجو فرض هو . اسان مان هر ماڻهو کي پنهنجو فرض ايمانداري سان نڀائڻ گهرجي . جيڪا به ذميواري ملي اها بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءُ جي نڀائڻ گهرجي عهدا اچڻا وڃڻا آهن ، مگر اصولن تي سوديبازي نه ڪرڻ گهرجي. تقريب کي استادن ڪريم بخش پنهور سڪندر علي ملاح الهڏنو سمون محمد صديق سومرو، آپا اصما پٽي آپا قرت العين ميمڻ آپا صباحت ميمڻ سايين اڪرم شاهه ، اي جي ساند نصير ميمڻ الطاف ميمڻ غلام سرور انور پارابي محمد يونس، نياز احمد ميمڻ ٽي او پرائمري گولاڙچي، شفيع نوناري ،نور محمد کتري ،اعجاز هڱورجو محمد محسن مخدوم ، بابو لغاري پروگرام ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ ڊي او بدين بدين الهڏنو ملاح جي زندگي ۽ خدمتن تي ناهيل ڊاڪيومينٽري ڏيکاري وئي. تقريب ۾ نالي وارن فنڪارن نارائڻ داس ، بالاچ حيدري ، نذير حيدري ،پرويز جوڻيجو ۽ ٻين سرن جي ورکا ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا . بدين سميت سنڌ جي مختلف شهرن مان ايل استادن ، آفيسرن، ڪيس سون جي تعداد ۾ اجرڪن جا تحفا ڏئي پيٽا ڏني .ريجن حيدرآباد عبداللطيف مغل چيو سائين الهڏنو ملاح تعليم کاتي سنڌ جو انمول ڪردار آهي جنهن ڪڏهن به پئسي ڏوڪڙ جي لالچ نه ڪئي هن ايمانداري سان پنهنجي سروس جي پڄاڻي ڪئي جيڪا اسان سڀني لاءِ هڪ سهڻو مثال آهي. ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اسٽيڊا سنڌ سيد رسول بخش شاهه چيو ته سائين اي ڊي ملاح هڪ استاد ڪان وٺي هڪ بهترين آفيسر تائين پاڻ ملهايو هن چيو ته گسٽا هجي يا آفيسرس ايسوسيئيشن پر سائين هڪ متحرڪ ڪردر جيان اتي پاڻ ملهايو سندس ڊائريڪٽر آفيس ۾ مقرري دوران ڪوڙ سارا اهڙا ڏکيا ڪم هٿا جيڪي سائين جن پنهنجي هوشياري ۽ ڏاهپ خوش اسلوبي سان سرانجام ڏنا. زين العابدين لغاري صاحب ڊائريڪٽر اسٽيڊا سنڌ چيو ته گسٽا هجي يا گواز يا آفيسر جي حيثيت ۾ آئون خوشنصيب آهيان جو مونکي سائڻ سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو هن چيو هڪ ئي وقت پاليسي ، بهترين انتظام ڪاري، رولز بابت ڪيس بهترين ڄاڻ سندس خوبي آهي اهڙا سنڌ ۾ گهٽ آفيسر آهن جيڪي اهڙي قابليت رکن ٿا. تقريب کي خطاب ڪندي سائين الهڏنو ملاح چيو ته اڄ جيڪو مان اوهان مونکي ڏنو آهي ،سچ پچ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي . اڄ سڄي سنڌ مان منهنجي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ مان وارن مهمانن جو آئون انتهائي شڪرگذار آهيان مون جيڪو ڪجهه ڪيو اهو منهنجو فرض هو . اسان مان هر ماڻهو کي پنهنجو فرض ايمانداري سان نڀائڻ گهرجي . جيڪا به ذميواري ملي اها بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءُ جي نڀائڻ گهرجي عهدا اچڻا وڃڻا آهن ، مگر اصولن تي سوديبازي نه ڪرڻ گهرجي. تقريب کي استادن ڪريم بخش پنهور سڪندر علي ملاح الهڏنو سمون محمد صديق سومرو، آپا اصما پٽي آپا قرت العين ميمڻ آپا صباحت ميمڻ سايين اڪرم شاهه ، اي جي ساند نصير ميمڻ الطاف ميمڻ غلام سرور انور پارابي محمد يونس، نياز احمد ميمڻ ٽي او پرائمري گولاڙچي، شفيع نوناري ،نور محمد کتري ،اعجاز هڱورجو محمد محسن مخدوم ، بابو لغاري پروگرام ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ ڊي او بدين بدين الهڏنو ملاح جي زندگي ۽ خدمتن تي ناهيل ڊاڪيومينٽري ڏيکاري وئي. تقريب ۾ نالي وارن فنڪارن نارائڻ داس ، بالاچ حيدري ، نذير حيدري ،پرويز جوڻيجو ۽ ٻين سرن جي ورکا ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا . بدين سميت سنڌ جي مختلف شهرن مان ايل استادن ، آفيسرن، ڪيس سون جي تعداد ۾ اجرڪن جا تحفا ڏئي پيٽا ڏني.